


# لاڙ لهرون سمنڊ

(شاعري)

نواز خان زئور

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر


www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”لاڙ لهرون سمنڊ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب شاعر، ليکڪ ۽ ناول نگار **نواز خان زئور** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

انعام عباسي لکي ٿو:

هيءُ ڪتاب: ”لاڙ لهرون، سمنڊ“ سندي سنڌ ساڃاهه، چاهه، اتساهه ۽ پليدان جي پاڪارن جو پڙاڏو لڳي ٿو...

وڏي وقت کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي سنسار ۾ هڪ اعليٰ فني، فڪري ۽ خاص قومي ماجرا ئن، مامرن ۽ مونجهارن کي وائکو ڪندڙ سريلو ڪتاب آيو آهي....“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

**ڪتاب جو نالو:** لاڙ لهرون سمنڊ
**موضوع:** شاعري
**شاعر:** نواز خان زئور
**تعداد:** هڪ هزار
**ڇاپو پهريون:** جنوري 2012ع
**پاران:** نئون نياپو اڪيڊمي،
A-12 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811

**مُلهه:** 150رپيا

# ارپنا

سنڌ ملڪ جي آزادي جي ويڙهاند لاءِ پنهنجيون زندگيون ارپيندڙ امر شهيدن ۽
سوريءَ تي سرواڻن جهڙن عجب انسانن

**شهيد سرائي قربان کهاوڙ، شهيد ذوالفقار ڪولاچي، شهيد روپلو چولياڻي، شهيد نورالله تنيو، شهيد ممتاز پتو، شهيد علي بلند اعجاز سولنگي، شهيد صالح راڄپر، شهيد يونس خاصخيلي ۽ مرهيات سڪندر سومري جي نالي**

مون ڏرتي تنهنجا ڏگ ڏٺا، مون تن جا لويل لڳ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وير وڃائي ويا.
مون اڻ ڳڻيا انسان ڏٺا، مون سوريءَ تي سومانَ ڏٺا،
اي ڏرتي! ڇا ڇا ڪونڌر ها، جي پنهنجا ڪنڌ ڪپائي ويا.
سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سڀ کان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو جي دل ۾ درد دکائي ويا.
ڇا نعرا ها ڇا نينهن هيا، هو مڙس هيا يا شينهن هيا!
جي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.
جن پاسو ورتو ڪوڙ ڪنان، هي مڙس نه ويندا مُور منان،
جن واڪي واڪي وس ڪيا، جي سارو سچ ٻڌائي ويا.
هو پيار پتنگا ڪامي ويا ۽ ڪيڏو ڏور اڏامي ويا،
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هُو پنهنجي جوت سمائي ويا.
ڇا سمجهي تن ڪي جيءَ جڏي، آ تن جي ڳاڙهي ڳالهه وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪنڌ اَڙي، جي توکي ميندي لائي ويا.
ڪيئن توکي ڪاري ٻاٽ مڃان! ٿي چٽنگ ڪري چمڪاٽ اچان،
آ ٿم ٿم ٿم لاٽ اچان، جا جوڳي ڳالهه جلائي ويا.

(شيخ اياز)

پنهنجي ڪوتا جو هيءَ ڪتاب انهن عظيم دوستن ۽ آزادي جي جدوجهد جي سدا حيات اڳواڻن کي ارپيندي آئون ائين نه ٿو سمجهان ته مون ڪو قرض لاٿو آهي. هيءَ قرض ته تڏهن لهندا جڏهن سنڌ ملڪ مٿان آزادي جي پليري ٻاڪ ڦٽندي.

**نواز خان زئور**



# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي/5
مهاڳ: محمد ابراهيم جويو/6
پنهنجي پاران: نواز خان زئور/8

## شاعريءَ جي ترتيب

بيت /13
وايون/59
ٽيڙو77
نظم /94
غزل /105

## پبلشر جو نوٽ

پاڻ وٽ شاعريءَ جي تہ چئڻ ريت، رسم پراڻي پيل آهي، تنهن ڪري هر لکاري چئڻ تہ لکڻ جي بسم الله شاعريءَ جهڙي هنري صنف سان ئي ڪرڻ ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهي ٿو.

توڙي جو اڳتي هلي هو نثر جي ڪليل پَٽن تي پڻ اکرن جا رنگين ٻيلا پوکي ٿو وجي...

اسان جو دوست نواز خان زئور پڻ شاعريءَ جي ساٿ سان اڳيان آيو ۽ هاڻ تہ هن نثرپڻ چڱو ڀلو لکي پاڻ وٽايو آهي...

هيءَ ڪتاب: ”لاڙ لهرون، سمنڊ“ سندي سنڌ ساچاهہ، چاهہ، اتساهہ ۽ ٻليدان جي ٻاڪارن جو پڙاڏو لڳي ٿو...

وڏي وقت کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي سنسار ۾ هڪ اعليٰ فني، فڪري ۽ خاص قومي ماجرا ئن، مامرن ۽ مونجهارن ڪي واڪو ڪندڙ سريلو ڪتاب آيو آهي...

۽ نواز خان سان سڀنڌ بہ تہ ان ڪارڻ ئي جڙي پيو آهي نہ، سوچن، سمجهن، پورن ۽ سپنن جي هڪ جهڙائي ڪري..

آس اٿئون تہ هي اسان جو دل گهريو دوست سنڌ، سنڌيت، سونهن ۽ سچائيءَ جا ائين انيڪ رنگ هوائن ۾ ڳُهلائيندو ماڳ پسائيندو ۽ هڪ ڪان پوءِ ٻيو اهڙو ئي نوَ لکو ڪتاب سنڌي پڙهندڙن کي ارپيندو رهندو....

نئون نياپو جي ڪتابن جي باري ۾ پنهنجي راءِ کان اگاهہ ڪندا رهندا.

اوهانجو دوست
سنڌي انعام



## پيش لفظ

ماڻهوءَ جي ماڻهپي، انسان جي انسانيت ۽ قومن جي تهذيب جي خبر سندن ٻوليءَ مان، زبان مان پوي ٿي.

ماڻهو ڳالهائين ٿا، لکن ٿا، رڪارڊ ڪن ٿا يا ڪرائين ٿا، ۽ ماڻهوئي اُهو ٻڌي ۽ پڙهي ڏسي ۽ سمجهي، هڪٻين جي سڃاڻپ ۽ سُڪارپَ کي سڃاڻن ٿا. ۽ ائين ٿيندي ٿيندي، هڪٻين جي صلاح ۽ سهڪار سان، ڳٽپ کان ٻاهر صدين کان پوءِ اڄ جي حيرت ناڪ سڌاري ۽ واڌاري جي درجي تي اچي رسيا آهن. سندن زندگيءَ جي سڄي ايتري لکن سالن جي طويل سفر ۾، ٻولين جيڪو ڪارج سر انجام ڏنو آهي، اُهو منجهائن ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي.

جيتوڻيڪ گهٽي ڳالهائڻ يا ٿوري ڳالهائڻ لاءِ عام ائين ٿو چيو وڃي، جيئن سنڌيءَ ۾ آهي، تہ ”گهڻ ڳالهائو پاڻ پڌائو“، ”ٿور ڳالهائو پاڻَ نماڻو ۽ سڀَ وڻائو“. ۽ وري ائين بہ عام آهي تہ ڪو گهڻو ڳالهائڻ بہ اهڙو دل نواز ٿئي ٿو جو چئبو آهي تہ پيو ڳالهائي. ڪو ٿورو چيو بہ اهڙو هِنئين ٿار هوندو آهي، جو چئبو آهي تہ ورهين جي رنجيده دل لاءِ گهڻوئي بلڪ تمام گهڻو آٿت ٿيو ــ جيئن هڪٻئي ڏانهن هر ڪوئي لکندو آهي تہ ”ٿورو لکيو گهڻو ڄاڻج!“

ٻوليءَ جا سگهڙ ۽ ليکڪ پنهنجي پنهنجي شهڪار لکت ٻن قسمن جي تخليق ڪن ٿا. هڪ ڪي نثر چون، ٻئي ڪي شعر. ٻنهي قسمن جا ڏار ڏار نمونا بہ ڪافي آهن. پر ان شمار کي ڇڏي، ايئن ئي چيو ۽ سمجهيو ويندو آهي تہ لکتون وڏ هجن يا گهٽ، جي معيار ۾ اعليٰ آهن تہ مانائتيون آهن ــ ٻنهي صورتن ۾ پڙهندڙن لاءِ املهہ ۽ بي مثل ٿين ٿيون. هيءَ شعر جو ڪتاب ”لاڙُ لهرون، سمنڊ“ (ڊيگهہ جي خيال کان بہ وڏوئي آهي) منهنجي ٿورَ ڳالهائو فهميدي دوست نواز خان زئور جي تخليق آهي. سندن نثر جو هڪ ڪتاب ”رنگَ رتو آڪاس“ منهنجو اڳ بہ پڙهيل هو. ڇهانوي

صفحن جو جنهن ۾ سندن فڪر پريا مختصر توڙي ڪجهہ ڊگهيرا جملا ۽ ننڍا ننڍا اقتباس هئا. تن کي پڙهي آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيو هوس. ان کي پڙهندي منهنجو پنهنجو ڇپايل چونڊ مضمونن جو ڪتاب ”مٺ مٺ موتين جي“- بہ منهنجي نظر ۾ هو جو تہ ان ۾ هفتيوار ”هدايت“ ۾ آيل چونڊ مضمونن سان گڏ آخري ٻن ٽن صفحن تي منهنجا پنهنجا لکيل ننڍا وڏا جملا ۽ قول بہ ڇپيل هئا. ۽ مون کي خبر هئي تہ خاص طرح اُهي جملا ۽ قول ڪيتري سوچ ويچار ۽ محنت کان پوءِ آءٌ لکي سگهيو هوس. سو نواز خان زئور جو اُهو سڄو سَئو کن صفحن جو فڪر پريل جملن ۽ قولن جو ڪتاب پڙهي، سندن ڏاهپ ۽ علمي لياقت تي آءٌ ڏاڍيءَ حيرت ۾ آيل هوس. ۽ جڏهن سندن شعر جو هيءُ مُسَودو پڙهڻ لاءِ مليو تہ پوري ڌيان ۽ ذوق سان اهو پڙهڻ وينس. ۽ هڪ ڀيرو ئي نہ، ٻيو ڀيرو لڳاتار پڙهي پورو ڪيوم.

اسان جي مادري ٻولي سنڌي بيحد هڪ پلاري ۽ پلي، محترم ۽ سگهوري سرزمين آهي. ان جا سڄاڻ ۽ سُلجهيل شاعر ۽ نثر نويس، اسان جو ڀاڳ آهي، جو جمندا، اپرندا ۽ اُسري اسان جي فڪر ۽ جذبي جي ترجمانن طور پيدا ٿيندا ئي رهيا آهن ۽ ٿيندا ئي رهندا. هيءُ شعر جو ڪتاب، جنهن ۾ اصناف سخن جا ذري گهٽ سڀ قسم ــ دوها، بيت، وايون، گيت، نظم، غزل ۽ ٽيڙو/هائيڪا آيل آهن. جديد دور جي ترقي پسند شاعريءَ جو وري وري پڙهڻ لائق هڪ مثالي دستاويز آهي. هيءُ اسان جي اعليٰ ادب جو اهڙو هڪ اضافو آهي، جنهن تي اسين بجا طور فخر ڪري سگهون ٿا.

پڙهندڙن ۾ اميد آهي تہ اسان جي شاعر زئور جو هيءُ سڄو ڪتاب ڪين ڏاڍو وڻندو.

**محمد ابراهيم جويو**

حيدرآباد سنڌ.
20.9.2011ع



## شاعر جي پاران

# شاعري روح کي ڇيري نڪرندڙ دانهن آهي

”شاعري جذبات جي اظهار جو منظوم طريقو آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي سمجهہ وڌائڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان حُسن شناسي جي سُڌ ڏئي ٿو.“

(اي سي براڊ بي)

”شاعري جو مقصد پڙهندڙ کي شديد نموني متاثر ڪرڻ آهي.“

(ايڊگر ايلن پو)

”شاعري جو ڪارج خوشي ڏيڻ آهي.“

(ورڊس ورٿ)

”شاعر فطرت جو سچو ترجمان آهي، انسانيت جو قانوندان آهي ۽ ايندڙ نسلن جي خيالن جو استاد آهي.“

(ڊاڪٽر جانسن)

دلچسپ اتفاق آهي جو جيئن ئي هن ڪتاب لاءِ پنهنجي پاران هيءَ بہ اکر لکڻ خاطر وينس ئي مس تہ مٿيون سٽون ڪنهن دوست پاران ڪِيسٽِي فون (موبائيل فون) ذريعي موڪليل سنيهڙي ۾ اچي وارد ٿيون آهن. جنهن عمل کي سنو سنئون سمجهندي اهي سٽون مٿي نقل ڪري، لکڻ جي شروعات ئي انهن کان پيو ڪريان. شاعري هوندئن بہ هڪ اهڙو فن آهي جو ان جي باري ۾ ڪيترن ئي ماڻهن، شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ مفڪرن پنهنجي پنهنجي حساب سان رايا پئي ڏنا آهن. جيئن هر ماڻهو جو شين کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جو پنهنجو انداز ٿئي ٿو تيئن شاعري کي بہ سڀني ماڻهن پنهنجي پنهنجي اندازِ فڪر تحت ئي پئي سمجهيو آهي ۽ ان بابت پنهنجي ويچارن جو اظهار پئي ڪيو آهي. پر جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوب جي حُسن جي تشريح نہ ٿو ڪري سگهي، تيئن ڪنهن شاعر لاءِ شاعري جي تشريح پڻ بنهہ ڏکيو ۽ اٽانگو عمل آهي. گهٽ ۾

گهڻ مون جهڙي ماڻهو لاءِ ته اها تمام ڏکي ڳالهه ٿي وڃي ٿي. مون آڏو شاعري دل کي چيري نڪرندڙ دانهن آهي، روح جي اجهل رڙ آهي. شاعري جي تشريح انهي رڙ کي پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪرڻ جيان آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته پاڻي، وارِي، رڙ سونهن ۽ شاعري کي مُٺ ۾ قابو نه ٿو ڪري سگهجي. خير، شاعري حسن شناسي جو ذريعو به آهي، حسن جي سُڏ به اتان ملي ٿي ته حُسن جي سَڏ بہ اِتان اُتپڻ ٿئي ٿي. اها پڙهندڙ کي سخت متاثر پڻ ڪري ٿي ۽ ان ۾ اداسي، درد توڙي خوشي ۽ مسرت جا جذبا پيدا ڪري ان کي اداسي يا خوشي پڻ عطا ڪري ٿي. شاعري فطرت جي ترجماني به ڪري ٿي، انسانيت سان محبت جا قاعدا به نرواري ٿي ته ايندڙ نسلن جي خيالن تي به اثرانداز ٿيڻ جي سگهه رکي ٿي. ڪيترائي نسل وقت ۽ زماني جي وٿي کان بالاتر ٿي ان مان مستفيض ٿين ٿا. نه فقط ان شاعر جي قوم جا نسل، پر عظيم شاعري سڄي دنيا ۾ پنهنجي خيالن ۽ فن جو غوغاءَ پيدا ڪري ٿي. اها سڄي انسانذات جو گڏيل ورثو هجي ٿي. شاعر دکايل دلين جو ترجمان هجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو سفير ۽ انسانذات جو آواز هجي ٿو. منهنجي شاعري ۾ به اهي ڪيفيتون، ولولا ۽ آواز ملن ٿا. تنهن هوندي به اهو مناسب نه ٿو لڳيم ته پاڻ ئي ويهي پنهنجي شاعري جي وياکاڻ يا ڪٿ ڪجي. اهو عمل يقينن پڙهندڙن تي ئي ڇڏي ڏجي ته گهڻو بهتر ٿيندو.

ادب ۾ منهنجي بنيادي سڃاڻپ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ آهي. تنهن ڪري اڪثر شاعري جي نالي ۾ رنڌا پئي روڙيا اٿم. ان جي باوجود منهنجي شاعري ڪتابي صورت ۾ هيستائين تمام گهٽ، بلڪ ڏنو وڃي ته نه هجڻ جي حد تائين، شايع ٿي آهي. هيءَ منهنجي ڪوتا جو پهريو ڪتاب آهي – لاڙ لهرون، سمنڊ. هن کان اڳ ۾ هونئن ته منهنجا ست ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. پر انهن مان ڇهن ڪتابن جو تعلق نثر جي مختلف صنفن سان آهي. باقي صرف هڪڙو ڪتاب شاعري جو آهي – وڃون اُتر واءَ. ايئن ته ليکڪ کي پنهنجي هر نئين ڪتاب جي ڇپائي سان اٿمئي



خوشي پلئه پوي ٿي، پر اڄڪلهه سنڌي ادب جي ڇپائي جي جيڪا صورتحال آهي، انهي ۾ شاعري جي ڪتابن جا ڇاپيڪار تمام گهٽ مقدار ۾ دستياب آهن. جيتوڻيڪ شاعري جا ڪتاب اڄڪلهه گهڻا ٿا ڇپجن ۽ مارڪيٽ ۾ انهن جي چڱي خاشي کپت پڻ آهي، تنهن هوندي به پبلشرن کي شاعري جي ڪتابن ڇاپڻ بدران ٻين ڪتابن ڇاپڻ جو گهڻو خفت هجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته هُو ڪِن قِت به پيا ڇاپيندا آهن. پر شاعري جو ڪتاب شايع ڪرڻ تي سندن روح گهٽ ئي ورندو آهي. جيڪي ڪتاب ڇپجن پيا، تن مان اڪثر ته شاعر پاڻ پنهنجو خرچ ڪري يا سنگت ساٿ مان هِتان هُتان پَٽ سَٽ ڪري ڇپائي رهيا آهن. سو جڏهن مون کي پياري دوست ۽ نئون نياپو پبلشرس جي روح روان محترم انعام عباسي شاعري جو مجموعو سهيڙي مسودو موڪلي ڏيڻ جي آڇ ڪئي ته پهرين ته مون کي سندس انهي ڳالهه تي جهٽڪ اعتبار ئي نه پئي آيو. البت سندس بار بار اسرار تي نيٺ ايئن ڪرڻو پيو ۽ هاڻي جڏهن هيءَ مجموعو ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پڇي رهيو آهي، تڏهن مون کي جيڪا خوشي ٿي رهي آهي، سا ڪاٿي ڪرڻ کان تمام گهڻي وڏيڪ ۽ وڌي آهي. جنهن جي لاءِ آئون انعام عباسي جو ٿهه دل سان ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ آئون وحيد حيدر زئور جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هيءَ ڪتاب شاعري جي رجسٽر تان اتاري مسودو پنهنجن اکرن ۾ سُونهي سنواري ڏنو. متين دوستن جو ساٿ ۽ سهڪار جي مون کي حاصل نه هجي ها ته هوند هيءَ ڪتاب اڃا اوهان جي هٿن تائين پهچي نه سگهي ها.

البت آئون جنهن انسان جو سڀ کان گهڻو شڪرگذار آهيان، اهو آهي سائين محمد ابراهيم جويو. جيڪو اڄ به پيرسني، ڪمزوري ۽ هيٺائيءَ جي هوندي به پنهنجون مصروفيتون جاري رکيو اچي. هو ادبي ۽ سياسي سماجي مصروفيتن سان گڏوگڏ لکڻ پڙهڻ جو عمل پڻ بخوبي جاري رکيو اچي. ساڻس ملي مون کي سائين جي. ايم. سيد ياد ايندو آهي، جيڪو هيٺن هڏڙن جي باوجود عمل ۾ اتساهه جي تمثيل بڻيل هيو. اهڙوئي اتساهه مون کي سائين محمد ابراهيم جويي سان ملڻ کانپوءِ ملندو آهي. اڃا به ايئن چوڻ صحيح ٿيندو ته هو سڄي سنڌ لاءِ آت اتساهه ۽ ان جي روشن آئيندي ۾ اٽنت ويساهه

جو ڪارڻ آهي. هو ئي واحد دانشور آهي، جنهن سنڌ جي مختلف پارٽين پاران ڪجهہ وقت اڳ جڙيل هڪ اتحاد (ايس ڪيو آءِ) جي موقعي تي چيو هيو تہ هي اتحاد اڪيلي نقطي تحت جڙڻ کپي، جيڪو نقطو سنڌ جي آزادي هجڻ گهرجي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ نہ اهي سڀ اڳواڻ سنڌ وادي هئا ۽ نہ ئي آزادي انهن جي اوليت هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نہ اهو اتحاد هلي سگهيو نہ ڪي مقصد ماڻي سگهيو ۽ نہ ئي سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ڪي اهم اضافا ڪري سگهيو. غلام ملڪ جي سياست (۽ پڻ ادب) جو آدرش آزادي ڪانسواءِ ٻيلا ٿيو کهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ قومي آزادي ڪانسواءِ ٻي کهڙي سياست ان جي ڦٽن جي مرهم ٿي سگهي ٿي؟ ان ڪري جڏهن اهو اتحاد آزادي جي نقطي ڏانهن نہ آيو تہ اڳتي هلي جويو صاحب بہ ان کان گهٽو پاسيرو ٿي ويو. سنڌ جي آزادي سان سندس اهو عشق مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. سنڌ جي مست الست فقير ۽ عاشق جناب محمد امين خان کوسي ۽ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي کانپوءِ هو ئي آهي، جيڪو سائين جي-ايم-سيد کي منهنجو سيد اعظم ڪري لکندو آهي. ”فڪر جي آزادي“، ”انقلابِ فرانس“، ”سنڌ منهنجي خوابن جي“، ”علم تدريس مظلومن لاءِ“ ۽ ”هوءَ جا تمڪي باهڙي“ جهڙن ۽ سندس اهڙن ڪن ٻين لازوال ڪتابن کان وٺي سندس هِنن دلربا ادائن تائين هو لاڳيتو اسان جي دل ۾ رهندو اچي. منهنجي وڏي خواهش هئي تہ آئون ڪانئس پنهنجي ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکرايان. سنڌيءَ ۾ اڄ تائين اهڙو ڪو مهاڳ نہ لکيو ويو آهي، جهڙا مهاڳ هن شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيا آهن. سو منهنجي بہ وڏي ڪلپنا هئي تہ جويو صاحب منهنجي ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکي. جيتوڻيڪ مون سال کن اڳي ڪيس منهنجي هڪ لکت هيٺ سياسي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ عرض ڪيو هو (جيڪو ڪتاب اڃا اُتي ئي آهي)، جنهن جي هن هامي ڀري هئي. پر جڏهن هيءَ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آيو تہ مون سوچيو تہ هو ڪتاب خبر ناهي تہ ڪڏهن مڪمل ٿئي ۽ ڪڏهن ڇپجي. ان ڪري هِن ڪتاب جو مسودو کڻي وٽس حاضر ٿيس. آئون سائين جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جو پاڻ منهنجي شاعري جي هن ڪتاب ”لاڙ لهرون، سمنڊ“ جو نہ صرف مهاڳ لکي ڏنائون، پر شاعري جي پڻ ڪافي حد تائين اصلاح ڪيائون ۽ اهڙيون بهتر ۽ مفيد صلاحون ڏنائون، جن جي ڪري مون جهڙي



خام انسان جي شاعري ۾ وڏيڪ بهتري اچي سگهي آهي. جي هيءَ شاعري روح جي اجهل رڙ آهي، تہ هُن جي سُوڌ سنوار اِنهيءَ رڙ ۾ نئون سوز پيدا ڪيو آهي. سچ ڪَ هن کي ٿورن جي ادائيگي لاءِ مون کي اهڙن حرفن جي ڳولا ڪرڻي پوندي، جيڪي سندس قرض لاهي سگهن. پر آئون هيءَ قرض لهڻ جهڙا نہ ٿو سمجهان. ڪي ڪي قرض اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪر سڄي ڄمار چڙهيل ئي هجن تہ بهتر آهي.

جيتري قدر هن شاعري ۾ پڙهندڙ جو تعلق آهي تہ مون کي اِن باري ۾ نہ تہ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي اڳواٽ ڪنهن ڇنائي ڪرڻ جي. چو تہ اِهو دل جو تعلق هجي ٿو. اکين جي ڏور ۾ ٻڌل اهو تعلق نہ زبردستي جُڙي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن جي ٽوڙڻ سان ٽُٽي سگهي ٿو. اهو ڳانڍاپو هر پاڙهُو کي پاڻ جوڙڻو آهي. جيتري هن شاعري ۾ سگهہ هوندي ۽ جيتري ئي پاڙهو ۾ دل جي بينائي هوندي، اوتري ئي سطح تي هي تعلق پنهنجي جڳهہ ناهيندو. آئون رڳو ايترو عرض ڪري ٿو ڇڏيان تہ جيڪڏهن ڪنهن پڙهندڙ پنهنجي راءِ کان مون کي آگاهہ ڪيو تہ اها ڳالهہ مون لاءِ سَرهائي جو سبب بڻجندي. شايد هر انسان ان باري ۾ جاڻڻ گهرندو آهي تہ سندس محنت ڪيتري قدر ساب پيئي آهي.

آئون پنهنجو هيءَ ڪوتا ڪتاب شهيدن جي نالي ڪندي ۽ سنڌ جي حضور ۾ پيش ڪندي ڪيفيتن جي جنهن اٿاهہ گهرائيءَ ۾ آهيان، اُها اهلِ دل انسانن جو ئي خاصو هوندي آهي. جيڪا ڳالهہ منهنجي لاءِ اهم روحي اثاثي جو ڳي ۽ وڏي مَرڪ لائق آهي.

نواز خان زئور

8 نومبر 2011ع
ڳوٺ احمد خان زئور،
ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو.
03003785331
nkzaor@yahoo.com

# بيت



سمنڊ ڇڙ آڪاش، ڪيڏا تارن ترورا!
جادو آهي جر ۾، ماڻهوءَ سونهن تلاش،
ڌرتي ڇڙ تہ فراش، اُن تي ڦلڙيون اپ جون.

لاڙُ لهرون، سمنڊُ، ڇاڇا سِرجي جيءَ ۾،
ايريو مٿانهہ چنڊ، ڪيتي بندر راتڙي.

لاڙ لهرون، سمنڊ، ڪهڙا سپنا سڙهہ جا؟
ڪهڙو آهي مَنڊ؟ سامونڊيڪي سنگ ۾.

لاڙ لهرون، سمنڊ، ڇاڇا سپنا ساهہ جا،
ٻيڙيءَ مٿان چنڊ، مون سان مرڪي ٿو پيو.

لاڙ لهرون، سمنڊ، سندر سپنا سونهن جا،
منهنجي مَنَ گهمنڊ، آهي تنهنجي پيار جو.

لاڙ لهرون، سمنڊُ، ڪيتي بندرَ راتڙي،
ايري مٿان چنڊُ، جرڪائي ويو جيءَ کي.

اڏري وجهي ٿي پاڇو ڪونج ترائيءَ تي،
جڳ جڳ جو جادو آ، سانجهيءَ ويلا کي.
ڪيڏيءَ لاڙ مٿي، سونهن وسي ٿي سانورا!

آنءُ اتر، ڪاڇو لاڙ مان ئي سرو ۽ ٿر،
مون ڪان ڇا لئہ ساڙ سرتا! توکي ٿو ٿئي.

ٻهراڙيون ٻهڪيون، سرنهن جي ڦولار ۾،
پاڻياريون مهڪيون، ڇولا ڇهتا ارهہ سان.

ٻهراڙيون ٻهڪن، آئي مند ملهار جي،
چانڊوڪيون ڇهڪن، ايري هر هڪ ڳوٺ تي.

ڪيت لڏن تا واءَ ۾، ڀهراڙي ڀڪي،
هارياڻي لهڪي، ڏسي ڪانڌُ قرار ۾.

سانجهي، سُپنا سُرمئي، ناوَ درياهه، تِڪ،
ڪيڏي سهڻي ڏِک، سنڌوءَ هر هڪ جاءِ تان.

اُٺ! پرهه جي هير ۾، پکي تا ٻولين،
راز پيا کولين، اڻ ڄاتي اسرار جا.

ڪيڏانهن ڪاهي ٿو هي ڪارو ڪارونيار؟
ساري سپ ڄمار، ماڻهو هلي ٿو هيڪلو.

ڪيڏي پُراسرار، آهي شفق اڀ ۾،
ڪنهن پيي ڄاتا ڪينڪي، پرانهين جا پار،
کهڙي هيءَ تنوار؟ مَنُ وجهي ٿي مونجهه ۾.

سانجهي، درد، اڪيلائي، ڪيڏو هاڻ اداس،
آهي هلڪيءَ هير ۾، جڻ ته تنهنجو واس،
روح نه اڇي راس، ڪا ڪا ويلا هيڪلي.

دل مڇي ئي ڪانه ٿي، آئون ڪريان ڇا،
جبل جا پاڇا، مون کي ڇڪيو تا وڃن.

پَنَ ڇڻَ جي شام، ٿڌڙي واهوندِي،
ٻڏي وئي اڀ ۾، سورج سندي لام،
شفق اڄ سلام، آندا پَرئين پار کان.

هاڻي مَدُ مڇي وئي، اڇو پياڪو!
موکيءَ نياپو، مُنجيو آهي ناز سان.

ڪيسين لنوائيندين، آنءُ ته ڪوئي سڌ هان،
نيٺ ورنائيندين، ڪري پڙاڏا ڏيهه ۾.



توکي پائي مون پرين! سڀ ڪجهه پاتو آ،
هاڻي ڄاتو آ، جيون جي هر راز کي.

مون مان منهنجي "مون"، هاڻي ويندي ٿي رهي،
جوين سانوڻ ڏينهڙا، توسان گهاريا سون،
چئني طرفين تون، هاڻي مون کي ٿي ملين.

دنيا جي وهنوار کي، ڪيسين ٿڏيندين!؟
گوندر گڏيندين، ڪيسين پنهنجي جيءَ کي!؟

جڏهن آئون تباهه، تيس تولئه سنڌڙي!
دوستن وچي ناهه، منهنجي ويرين سين ڪيو.

ڪيڏو جيءُ اداس، ڪيڏي اڪيلائي!
ايڏي پيلائي، اڙي وقت، اسان مٿان!

تنهنجو هٿ ڇهاءُ، واسي ويو وجود کي،
سارو وقت سرير ۾، جڻ ڪو هير هڳاءُ،
اڃا تائين لڳاءُ، ڪيڏو توسان ڪامڻي!

آيا ڏنار ڏڻَ، ڪاهي شاخ ڪنڌيءَ تي،
ٽالهيون ڇاڻي ڇڏيون، جبر جي پن ڇڻَ،
پاڻي تورڙي وڻَ، آهن اڄ ڏڪار ۾.

ننڊ اکين جي مٿان، هٿ گهمائي ٿي،
جيئن پرچائي ٿي، ماءُ پنهنجو ٻارڙو.

پاڻي ڊوري ۾، ايئن چمي ٿو چنڊ کي،
جڻڪ ٻنوري ۾، مون کي ساريو پيو وڃي.

ڊوري ناري ۾، آنءُ چيو: ترسي پوان،
چنڊ ڪاري ۾، جيئن آهِلجي ٿو پوي.

ڪلانگر ۾ ٻيڙيون، صبح سمي جو،
حسن نظاري جو موهي ويو دلڙي.

هاءِ! هيڪل سانجَهہ، وئي ولوڙي من کي،
ڪائي ڳالهہ اڳانجَهہ، اڀري آئي اوچتي.

اڏ ۾ ٺڪائي وجهين، مون کي سنڌ! متان!
تنهنجي قسمت مان، تڙي ڪڍان شل انڌ کي.

منهنجي مٿي هٿُ، سيد! رک سڀاجهڙا،
جيئن هي ٿٿل رَٿُ، اجا پي اڳتي هلي.

مري پي توکان، ڏار نہ ٿيندس سنڌڙي!
ور ور ايندس مان، سرنهن جي ڦولار ۾.

هاڻي ننڊ اچي پئي، چڏ تہ آئون وڃان،
سپني ۾ سپرينءَ ڪان، پيرو ڪيئن تہ پچان،
پنهنجو روح سَجان، چُهي پارس پيار جو.

آڪيرا پترن اوٽ ۾، اچي اَڏيا ٽيٽيهرَ،
رونبو ٻارَ ولرَ، آنا ڳوليَن ريج ۾.

هي روپهريون راتڙيون، تن ۾ تند تنوار،
ڪهڙي شمع آ ٻري، روشن آ سنسار،
ڪيڏو ان سان پيار، آهہ خدا جي اک ۾.

وئين تون واسي، سيد! سڄي ديس کي،
اجا پيئي پاسي، تنهنجي خوشبو سنڌ ۾.

آمرَ اونڌي ٻوٽ سان، ڪِري تڙجي ويا،
آزاد ٿي اڀريا، عوام اوچي ڳاٽ سان.



چانڊوڪيءَ ۾ ڳوٺڙا، ڏاڍا وڻن ٿا،
ڪنيي ڪڻن ٿا، مون کي هر ڪنهن شهر مان.

هاريءَ سوچيو: ”هيل ٿيو فصل پليرو،“
مِڙڻي آيس مُک تي، چڙهہ تہ سويرو،
اچي وڏيرو، سارو ڪيٽ ڪٽي ويو.

اڳي ڪڏهن ڪانہ هئي، ايڏي سنڌ اداس!
اڄ ڏس آهي ڪيتري، سنڌو هوندي پياس،
آزادي جي آس، نيئرَ توڙيون جبر جا.

چنڊ! هلين ٿو ناوَ سان، ڪيڏانهن ڊوڙي تون؟
پڇي نہ سگهندين مون، منهنجي منزل ڏور آ.

ڪيسيتائين تون، مون کي لنوائيندين!؟
مون ۾ پائيندين، نيٺ تہ پنهنجو پاڙ ڪي.

ڏس تہ ڪڻن ٿيون ساهہ، پنڪڙيون گلابن جون،
اڏري جن مان مهڪون، واسين ساري جُوءِ کي.

طبقاتي ۽ قومي، جبر ڪي ڊاهيون،
ٻيهر پوءِ ٺاهيون، سهڻو هن سنسار کي.

پاڪرين پري ٿو پڳو تورُو درياهہ کي،
۽ سنڌو چمي ٿو جهڪي پيرَ پهاڙ جا.

آ ڪڏهن ٺڪراٺو ڪڏهن آهہ پهاڙ جيئن،
ڪڏهن آڳ الاءِ آ، ۽ ڪڏهن پاڻياٺو،
جيوَن چئو واٺو، آهي هر ڪنهن هانوَ سان.

ڪِراڙ ڪنڌيءَ تي ڪيترا، ڪنول ڦلاريا،
ڏيئڙا ٻاريا، صديون جرڪي شاعريءَ.

ڪينجهر ڪنڌيءَ تي، ٽڙيا نيل ڪنول،
ڄڻ تہ نوريءَ ڳلَ، جرڪن پيا جر مٿان.

پنهنجو پٽڙو نند ۾، ڪيئن تون ڇڏين ٿو،
ڪيڏانهن وڃين ٿو، گوتم! آڌيءَ رات جو.

ڪپل وستو ۾ هيو، ڇا رڳو ئي ڏکُ،
ڇا ڪوئي سُکُ، ڪڏهن تو ڪونہ ڏٺو!؟

جيئن تو چاهيو هو، ايئن نہ ٿيو، گانڌي!
اڄا تائين آنڌي، آهي بر صغير تي.

اڄا نندو ڪند، آهي اونداهو،
ڪونهي ڳرلاهو، هاڻي ڪو بہ ان جو.

ترڪ ڪري وئين اوچتو، تون چالئہ اميري،
آ فقط فقيري، ذريعو ڪنهن نجات جو!؟

ڪيڏي ڏُور اڏار ڪيئي، اي پکي پرڏيهي!
ڇا سنڌڙي جيهي، ڪانهي ڪا بہ پناهہ ٻي!؟

ڇا جي لاءِ حوَس، نہ ٿو وڃي ماڻهوءَ مان،
توڙي سارا ڳس، خالي هٿين ڪاٽڻا.

آهي سارو جڳُ هي، ڄڻ تہ ڪائي ڪٻاڙَ،
پورو ڏينهن لٻاڙَ پوءِ بہ ماڻهو ٿا هڻن!

وِشِ ڳنيا جيئن شاعري، جنهن کي چاهي ٿي،
تنهن کي ڏاهي ٿي، ڪجهہ پلَ ڏيئي قرار جا.

مَٺُ ڪنيا جيئن شاعري، جنهن کي چاهي ٿي،
تنهن کي ٿاهي ٿي، عمر ڀر ڏئي ارپنا.



مَٺُ توڙي وِش ڪنيا، مون لئہ ساڳي شاعري،
ڏاهي ٿاهي ٿي وري، مون کي پنهنجي پيار سان.

وِش ڳنيا توڙي مَٺَ، مون لئہ ساڳي شاعري،
ٻيهر جوڙي ٿي ڇڏي، هيڪر ڪري مون اڌَ،
ان سرڪيءَ جي سڌَ، آهہ سمائي ساهہ ۾.

شعر اڇن ٿا هانوَ تي، پکي جيئن آڪاس،
اندر جا احساس، جهرمر لاٽي شاعريءَ.

شعر ترن هانوَ تي، پکي جيئن آڪاس،
اڏاڻا احساس، ولر ڪري واءَ ۾.

نفرت ۾ تون پاڻ کي، ڇا لئہ وڃائين ٿو،
ڪجهہ بہ تہ نہ پائين ٿو، پيچرا ڇڏي پيار جا.

ڄڻ تہ ڏئي ويو سنڌ کي، ڇوڏاري لوڙهو،
جاڳي ٿو پوڙهو، اڄ بہ پنهنجي فڪر ۾.

توکي شاهہ لطيف! اڄ بہ ساريون ٿا،
وچنَ پاريون ٿا، اسين سدا ديس سان.

ڏس! چمڪن ٿا چنڊ جان، منهنجا ساراڳهاءَ،
پنهنجا پوءِ بہ لڳاءَ، ڳهرا آهن سچ سان.

پکي اڏامن ٿا مٿان، اڄ علي بندر تي،
ڇانوءَ ٿي وئي جر تي، وڳر ڳهاٽا جهڙ جيئن.

جڳ مڙيوئي نرواڻ آ، ڇا ٿو ڳولين تون،
سوچون "اڳتي" جون، ڪڏهن اجايون ٿيون لڳن.

آهن ڪيڏيون واءَ ۾ ڳالهيون سمايل،
ماڻهو هي پاڳل، ڪجهه به سمجهن ڪين ٿا.

ڪيئن جڪڙجي ٿيون وڃن، اڪڙيون اڪڙين سان،
ڪهڙي تن ۾ نينڊَ آ، جنم جنم ڪان،
ڇاتيون ڪنهن نه اجا، ڪڙيون هن زنجير جون.

خوشبو آهي واءَ ۾، لڱ ڏُئي پَئي ڪير؟
آئي آهه سوير، چوٽو چنڊن ڇڪ ڪري.

ڪيڏي پري ٿي وڃي، ماڻهو سندي نگاهه،
صديون ڪٽن ٿيون ساهه، ڪنهن ڪنهن اک نهار ۾.

اج ته ڇڻ آڪاش، آهي ڪنهن جي سوڳ ۾،
تارو تارو لاشُ، غائب ساري روشني.

ڪنهن هيءَ پرت پريو آ، چولو سڄو ڦلڙيون،
تارا، تِر، تروڪڙيون، آهن جيئن آڪاس ۾.

ڪوهَه نِدا جيئن اڪڙيون، آهن پرينءَ جون،
مون کي سڏين ٿيون، پابوهه منجهان پاڻ ڏي.

ڳالهيون ڳهلي لوڪ جون، ڪيسين ساريندين،
ڪيسين واريندين، دڪڙا پنهنجي جيءَ تي.

ڇا جي لاءِ تياڳ؟ جڳ ته هونئن ئي مڪتي،
ڪڏهن توڙي تو وجهي، ماڻهو کي ويراڳ،
تنهن جي هٿ آ واڳ، جيڏانهن چاهين موڙ تون.

توڙي جونو آ ته پي، مڪتي مون لئه جڳ،
واريا سي تي وڳُ، ڇا ته وٽي تي چاندني!



مڪتي آ، نه ماڻهوءَ لئه، هاٽي ڪو به تياڳ،
آئيندي جي اک ۾، آهي پنهنجو پاڳ،
ڄيوَن سندو لاڳ، آهه رڳو جاڪوڙ ۾.

سک نه آندو سنڌڙي، تولئه ورهاڱي،
تنهنجي هر پاڱي، ريلا آهن رتَ جا.

ڪهڙي ڪائنات، آهي ماڻهوءَ من ۾؟
ڪڏهين اُن ۾ شور آ، ڪڏهين چپ چپات،
ساري ڇڻ ته حيات، اونهو ڪو اسرار آ.

هونئن ئي جلترنگ وڃن، اُن جي لوليءَ تي،
سنڌي ٻوليءَ تي، پرت جيان هي شاعري.

ماڻهو آهي مطلبي، شاعر سچ ٿا چُونِ،
"هوندن متي هُونِ، لاڳاپا هن لوڪ جا."

لاڳاپا هن لوڪ جا، ڪم نه اچن ٿا،
ڇڏي وڃن ٿا، ماڻهو ڏکيءَ ويل ۾.

لاڳاپا هن لوڪ جا، اڻپورا آهين،
پوءِ به ٿا چاهين، ماڻهو ڪنهن جي ساٿ کي.

وهنجي پيئي واهه ۾، لٽا هوءَ لاهي،
خوشبو ڦهلائي، جيئن ڏوئي ٿي انگڙا.

نينگرُ روئندو ماءُ جي، وڃي پيو پويان،
ڏاڍي هيج منجهان، ڏسن ٻنهي کي ڇيلڙيون.

ڦيرا ڏيئي ٻنيءَ ۾، لٽو روهاڪي،
شڪاريءَ مرڪي، ڏنو پنهنجي ڄار کي.

گرگن پيون ڪونجڙيون، اتر لڳو آهہ،
ساري توڪي ساهہ، ڪڏهن ايندين اي پرين!؟

ڪنهن لئہ پرائي بادلو آيو آهين تون،
چوڪريون شهر جون، ٿيون ڪٿي سمجهن پرت ڪي.

ويهي انب جي لام تي، ڪويل ڪوڪي ٿي،
جن تہ ڦوڪي ٿي، جادو اسر ويل ۾.

ڪيت لڏن ٿا واءَ ۾، ڦهلي ڦول ڦلار،
پاٽيارين جا پيار، جاڳيا آهن جيءَ ۾.

لهر ڪري وئي خوشبو ڏوئي پاٽيءَ انگ،
ڀَئونرا پهتا سنگ، سڳنڌ سمجهي گل جي.

ڪامڻ مرڪي ڪالهہ، ويئي لتاڙي گهٽيون،
اجا اُن جي ڳالهہ، چورن منجهہ ڇُلي پئِي.

ڪامڻي مرڪي ڪالهہ، ويئي اکري ڳليون،
ڏڙڪيون ڪجهہ دليون، ڏسي روپ سروپ کي.

تترُ نڪتو سَرَ مان، ڪنهن کي ڳولڻ لئہ؟
ڪنهن جي ٻولڻ لئہ، پاڻ وڏائين جار ۾!؟

مور ٿَهوڪيو مينهن ۾، ٻيل ڪنيا پئي پَر،
سرم ڪاريهر، ڇَپ هٽي وينو رهيو.

ڪيڏا ڪارايل، رنگ پکيڙيا ريت تي،
جڻ تہ ڪا پايل، سونهن وجائي سج ۾.

هئي ڪامڻي پير ۾، جن تہ ڪا پايل،
ڪيڏا ڪارايل، رات ٿهوڪا ٻن ۾.



رات ٿهوڪا ٻن ۾، ڪيا ڪارايلَ،
اپ مٿان بادلَ، پرجي آيا مينهن سان.

اچي وينا ٻنڌ تي، ڳهر منجهان ڳيرا،
ڪارتوسي ڇيرا، ٻن تن کي ڪيري ويا.

سانوڻ ڪري اوڙڪون، آيو آهہ مٿانءَ،
ٿمي پيو اوچتو پاٽي چت منجهانءَ،
ڦڙن لاءِ ٿانءَ، آٽي رکيا نينگريءَ.

وارياسي ۾ مور جيئن، ڪڏهن نچن ٿيون،
پانءِ نہ اچن ٿيون، ڪڏهن گهڙيون وصال جون.

سوين ماٽهن وچ ۾، ڪڏهن من وياڪل،
ڪڏهن پر هيڪل، پاڪرن ۾ سِرشتي.

ڪڏهن ويراني، من گهري ٿو چاهہ مان،
توڙي اڳيان هجي ڪٽي، دل گهريو جاني،
ڪڏهن ٿئي ٿي بوج جيئن، ساري ياراني،
جيءَ جي جولاني، آهي سدا درياهہ جيئن.

اچي ڪري ۾ لٿا، داٽا چڳڻ جي،
تنين پکين کي، تون مٿان وجهين ڏيهون.

آکيري جي اوٽ ۾، ٻچا چڳائي،
پکين جڳائي، دعوا ممتا موهہ جي.

لهي لهي ڪانہ ٿي، هيءَ ڪهڙي آهي اُج؟
پرتان تجلا پاٽيءَ جا، سونهن نرالي سج،
عشق مڙيوئي رج، ڪونهي قلب قرار ۾.

مڙيون گلن تي اچي، مکيون ماکي جون،
ٻار ڪري ٽوليون، وڃن پيا جهنگ ڏي.

سانجهيءَ جو بيٺا جڏهن، سارو ڏينهن وسي،
ويا سرمئي بادل ٿي، نکريو رنگ اپ جو.

آهن منهنجا بيتڙا، اپ تي اندلٺ جان،
جنهن جي رنگن مان، جرڪي ٿي هيءَ سرشتي.

ڦهلائين ٿا خوشبو هي جي منهنجا بيت،
جڻ ته سرنهن جا کيت، هجن ڦول ڦلار ۾.

سامونڊي لهرن جيئن، سدائين بيقرار،
چڙهاءُ ۽ اتار، آهي پنهنجي شاعري.

هر هڪ وَٽَ ولهار جِي، اجري ٿي آ پئي،
سارو ڏينهن وسِي، ڌوئي ويو آڪاس کي.

متان پائين بيت جو دامن تون سوڙهو
چوڏاري لوڙهو، آهي ٻولي ڳوٺ کي.

کيڏو کشادو، پاند پنهنجي بيت جو
ان جو احاطو آهي ساري سرشتي.

تون متان ترائيل، پيتين پنهنجي بيت سان،
ٿي اچي جنهن منجهان، سڳنڌ سرنهن کيت جي.

متان تون سانيٺ، پيتين پنهنجي بيت سان،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ، جَرِيل جنهن جي جيءَ ۾.

متيرو سانيٺ، متان بيتن کان ڪرين،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ، اوچيون هر هڪ چيز تي.



متي ترائيل، متان بيتن کان ڪرين،
ڪڏهن ابابيل، مَٿُ نه آهي موڙ جو.

جوار پاتا جيئن، ٻنيون ٻوڙي ٿي،
رت ولوڙي ٿي، ڪڏهن ڪڏهن شاعري.

چانڊوڪي جيئن سمنڊ ۾، ايري، گرجي ٿي،
ايئن سرجي ٿي، ساگر جهڙي شاعري.

بيهي اڱڻ اوٽ تي، ڏسن ٿيون مايون،
چانيون سرهايون، کونجون ڪرڪن ڳوٺ تي.

مادي چيخي ٿي پئي، ڏسي نر ڦاٿل،
شڪاريءَ ڦاٿل، ڦاسايو آچيخلو.

هونئن ته ڪوئي سونهن جو سَنڌو نڪي سيڙهو
پر سنڌي عورت جو، مَٿُ نه ڪائي ڪاٺي.

مٿ نه ڪائي ڪاٺي، سنڌي عورت جو
هونئن ته فطرت جو، هر ڪا منڌ شهڪار آ.

جهڙي سنڌي ڪاٺي، ٻيءَ نه تهڙو واس،
هونئن ته گهرِڙي پياس، آهي استري پرش جي.

چڪورَ چاهُه چنڊ سان، ايئن ٻوڙي ٿو
جڻ ته جوڙي ٿو، آکيرو آڪاش ۾.

گانڌي! اچ ٻه گوليون، آهن آدمزاد تي،
ٻاجهاريون ٻوليون، گم ٿي ويون ڪنهن شور ۾.

سچل! تو جيئن ڪير، سچ ڳالهائي ئي نه ٿو
چانيو آهه انڌير، هاڻي تنهنجي ديس تي.

شاھہ عنايت! جھوڪ ۾، گھرجين ٿو تون اڄ،
هارياڻين جي لڄ، هاڻ بہ ٽُنهنجي آسري.

شاھہ عنايت! سنڌ تي، توکي سيني لائي،
"جوکيڙي سوکائي"، راھہ ڏسي وئين ديس کي.

جيئن وئين شهيد ٿي، شاھہ عنايت تون،
هي ٻنيون سنڌ جون، ويون ڇڻ تہ يتيم ٿي.

شاھہ عنايت! تنهنجا، صوفي سڀ سمهي پيا،
سنڌڙيءَ جا سڏڪا، هاڻي ڪير ٻڌي نہ ٿو.

شاھہ عنايتُ رت جي، ڇڏي ويو خوشبوءِ،
واسي ساري ڄُوءِ، نئين فڪر جي جوت سان.

ساري پيئي سنڌ، مخدوم بلاول کي،
گھاڻي گھڙندا جي، سيئي ماڻين ماڳ کي.

بلاول! اڄ بہ سنڌ ۾، ڪيئي گھاڻا هِن،
پيڙيا آهن جن، ڪيئي گھوٽ ملوڪڙا.

مياڻيءَ منجھہ گھمي پيو هوشو! تنهنجو هاڻُ،
اِجھا ڇانئي ڇاڻُ، آزاديءَ جي سنڌ تي.

منو امان، ذڪريا، انور ۽ مالڪ،
ٻوڙيا سڀ ٻالڪ، آزاديءَ جي راھہ تي.

سيد! توکي سنڌ، صديون ساريندي،
پاڻُ جياريندي، آزاديءَ جي خواب ۾.

"ڪارونجھر جي ڪور، مرين تہ بہ نہ وسارئين،
چوٽيءَ ٿھوڪي مور، ڏونگر ڏِيئي جيئن ٻري."



ڌرتيءَ تي جنت جيئن آ، ڪارونجھر جي ڪور،
چوٽيءَ ٿھوڪيو مور، جادو ٿي وئي ماٿري.

ڪارونجھر جي ڪور تي، اڄ بہ ماري ٿا ڦرن،
سارا مور سارِن، روئي توکي روپلا!

ڪارونجھر جي ڪور تي، اڄ بہ ورديءَ وارا،
واريءَ جا چارا، سارين توکي روپلا!

هيمون! انگريزن، توکي ڦاهيءَ چاڙهيو
پر تنهنجو جيوَن، ٿي وئي ساري سنڌڙي.

آهي ڪٿ انگريزُ اڄ هن برصغير ۾ !؟
هيمون ! تون رنگريزُ آندئي پارَ پرهہ جا.

ويندا مليا ميٽ ٿي، سيئي "سپر پاور"
سڀ قومون برابر، آهن ڌرتيءَ جي مٿان.

سورج آهي سنڌ جو دولهہ دريا خان،
پڌرا ٿيا نشان، آزاديءَ جي ٻاک جا.

صالح ! تو زبان، سنڌيءَ لاءِ ڪٽائي ڇڏي،
هينئين هنيائي ڇڏي، اسان تنهنجي ٻولڙي.

ڄام نظام سنڌ کي، ٿاهي ويو جيئن،
سيئي سنڌي تيئن، ٿاهين شل هن ديس کي.

ڄام نظام سنڌ جو جوڙيهار ٿيو
ڪوئي ناھہ ٻيو ثاني اُن جو صديون.

مخدوم بلاول آ، اڄ پي گھاڻي ۾،
اڄ پي ٿاڻي ۾، ماڻھو ڇچريا ٿا وڃن.

اڃا آهن سنڌ تي، سوين راتاها،
گوليون ۽ ڦاها، هر هڪ سرڪش ڳاٽ لئہ.

ڄام تماچي جيئن تون، چاهين نوريءَ کي،
ايڏي دوريءَ کي، شال بنائين ويجهڙو!

اڻتڻ آهي ايتري، منهنجن سپنن کي،
جيئن ٿي رات ٿئي، مون سان ڪن ٿا ڳالهڙيون.

چري دلڙي! ڪيترا، دوکا کاڌا ٿَئي،
پوءِ بہ اڃا تون پئي، سوچين نئين پيار لئہ!

اڄ نہ ڪائي ڪاڪ آ، نہ ڪائي نينهَن اڇل،
پوءِ بہ آ منزل، منهن موڙيون ڪيئن پيار کان!؟

سنڌ يونورسٽيءَ ۾، آئي آهہ نئين،
پر هوءَ ناهہ نئين، پاليو اٿس پيار کي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، آئي آهہ نئين،
نگاهہ نہ وڌئين، پر ۾ ها ڪجهہ ڇوڪرا.

پرٽُ ٽِڪن تي، ڪيڏو نهي ٿو،
جڻ تہ گهي ٿو کهاڻي پيار جي!

مُکي تي هي پرٽ ۾، سونُ پريو آ،
يا هي وريو آ، جوڀن تنهنجي بت تي!؟

ڄامشوري ۾، ٻُرن پيا ٽهڪڙا،
ڄڻ هندوري ۾، سونهَن لُڏي ٿي پئي.

دوست نہ پنهنجي دوست جو دک سمجهي ٿو،
خفا ٿئي ٿو اکڙين ۾ لڙڪن کي ڏسي.



ڇا آهن بدلجي ويون، تنهنجون نهارون!؟
تڏهن ميارون، هر هر مون کي ٿو مُنجين!

ڪنوَلن وچان ڍنڍ ۾، تري ويون ٻدڪون،
پاڻيءَ ۾ ليڪون، اڀريون ٿوريءَ دير لئہ.

اڌ رات، سيارو مڇُ، ڳوٺاڻي ڪچهري،
ڏاهپ پريا سڄُ، سون ورنيون ڳالهڙيون.

زلف کولي واءَ ۾، ڪير وچي پيئي هوءَ،
وارن جي خوشبوءَ، ڇڪي پيئي پاڻ ڏي.

ڏسين ٿي مون کي، ڪٽي نيڻ ننڊاکڙا،
جڻ تہ نينهن نشا، مون کي چاڙهي ٿي وڃين.

آئي آهہ مزار تي، ڳاڙها گل کڻي،
ويئي آهہ وٺي، پرسان بيٺل ڇوڪريَ.

آئي آهہ مزار تي، کڻي ڳاڙها گل،
من ۾ مٿل هُل، کهڙو ٿس، ڇاٿي گهري؟

کهڙي آهہ ڪلالَ، سرڪي آندي مَنڌُ جي،
پياڪ کڻي پيرڙا، ٻوڙيا منجهہ جلال،
اکيون ٻڌائين حال، ٻنجي من جي آرسي.

آڻي اتر واءَ وڏو، جهوراڻي ۾ ڄِي،
ڪائي سار لٿي، ڦيرو ڏئي پکيءَ جيان.

جرڪن ٿا آڪاش ۾، لکين ستارا،
ڪيڏا نظارا، لٿي رات پهاڙ تي.

جادوءَ پريءَ راتڙي، ڇوڏسا ڇائي،
پکڙي سُهائي، ايريو چنڊ پهاڙ تي.

تارا چوڏهينءَ رات جو ڪٽڻ پيا ساهي،
ناهي اونداهي، چمڪي چنڊ پهاڙ تي.

لٽو پهاڙن پوئتان، گهونگهٽ ويڙهي سج،
ٻنيءَ ۾ جيئن ٻج، تارا نڪتا اڀ ۾.

من آ منهنجو آرسي، جيڪر تون ڏسين،
ان ۾ پاڻ پَسين، صورت پنهنجي پيارڙا.

پرين! پري سِنڌور، سينڌ سجايَئي منهنجي،
هاڻ نه ڪجانءِ ڏور، مونکي پنهنجي من ڪان.

دل آ شاعر جي وڏي، دنيا جي گولي ڪان،
ان کي ڪڏهن متان، رنجائين نِنڊڙو چئي!

پري هٽائيندِئين، ڪيسين مون کي دل ڪان،
ڪيسين نٽائيندِئين، عشق جي آواز کي!؟

نڪتو سج افق تي، گهونگهٽ هٽائي،
ڪُنوار پَسائي، جيئين پنهنجو مکڙو.

آڙيون اڏرن ڍنڍ تي، ڦيرا ڏَئي ور ور،
جڻ ڪنهين مصور، چِتر چِٽيا هِن واءَ ۾.

منچر تي لٽا اڇي، پکي پرڏيهي،
پاڻيءَ تي ويهي، ٿا پچين ٽڪ سفر جو.

چوڏهينءَ رات، سيارو منچر، جرڪي ٿو پاڻي،
ٻيڙيءَ مهاڻي، ٿي چاڙهي نشا نهار سان.

خوشبوءَ مڇيءَ جي، ايري ٻيڙيءَ مان،
جهٽي جيئن اسان، وئي وڏائي ٻڪ کي.



خواب جيان جيءَ ۾، ايري اچن ٿا،
بيت نچن ٿا، ذهن جي آڪاش تي.

دل جي ڏرتيءَ تي، تون ئي ڦُٽين ٿي،
هوش لٽين ٿي، چڻ ڪا ول انگور جي.

دل جي ڏرتيءَ تي، تون ئي ٽڙين ٿي،
تون ئي ڪِڙين ٿي، مهڪِي من بدن ۾.

آهي ٻهراڙيءَ جو پسمنظر منهنجي بيت کي،
مهڪي ٿو جئن ڪوئي گل، نراليءَ واڙيءَ جو
ويس اٿن لاڙيءَ جو پر سنڌ سمايئون پاڻ ۾.

ڪيرٿر کي تون، سدا شال سنوارئين،
جيءَ ۾ جايون، ڏي ٿو اوکيءَ ويل ۾.

متان ڪڏهن وسارئين، ڪيرٿر کي تون،
ان ۾ اميدون، آهن سدا سنڌ کي.

ڪيرٿر تي چاندني، جادو جڳائي،
سونهن پسائي، مون کي پنهنجي سنڌ جي.

ايري رات هالار، آيو منهنجي جيءَ ۾،
پهاڙن جي پڪار، منهنجو چين چورائيو.

لب مهراڻ تي، ياد آئين تون،
گڏ گهمياسون، ڄامشوري ۾ ڪڏهن.

آڌيءَ رات اروڙ، ايريو منهنجي جيءَ ۾،
چانئي آهه صدين تي، ڪائي رتَ ولوڙ،
اڄ پڻ آهه پتوڙ آزاديءَ لئه سنڌ ۾.

مادي اڃي آهه لتي، متان هاليجي،
ساري تي پيچي، ماريءَ جو كيرائيو.

ساريون كامرانيون، اِتي ئي هونديون،
گڏ نه وينديون، ماڻهوءَ سان پاتال ۾.

آيو آ خالي هتين، خالي هتين ويندو
كا شيءِ گڏ نه نيندو، ماڻهو پو ڇو لالچي!؟

كهڙو آهي سكون؟ پيت پرائيءَ ۾،
هٿ پرائيءَ ۾، ڇا لئه ماڻهو تو وجهي!؟

سرنهن جي ڦولار ۾، وري تڙندس مان،
وري كڙندس مان، چانڊوكيءَ ۾ ڇيت ۾.

سوناركي گهتيءَ ۾، وري ايندس آنءُ،
اييچند جي نانءُ، سرمدُ ور ور وارجي.

ڇوڏس ڇپ ڇپات آ، اڃاتا الكا،
سوين انديشا، لتي رات پهاڙ تي.

حسن مان پرجي نه تو كيڏو من اُجو!
جيون هونئن سُجو ساري مُوڙي عشق آ.

گذري عمر سونهن سان، پوءِ به من اُجو
توٽي نانهه سجو ميڙِيئين مُوڙي عشق جي.

دنيا ۾ هر چيز كان، عشق متانهون آ،
پاڳل ماڻهوئڙا، سمجهن نه اِنهيءَ ڳالهه كي.

آءُ! منهنجا پيٽ ڏٽي، مون تي كر تون ڇانءُ،
آهي تنهنجو نانءُ، آڏرُ ساريءَ سنڌ لئه.



يتائي! به تي كٽا، وجهه اسان جي جهول ۾،
گهرجن مون نه گهٽا، جيكي ڏِئين ٻاجهه سان.

آءُ! يتائي آءُ! تولئه اكيون راهه ۾،
ساري پيئي صدين كان، توكي ڏرتي ماءُ،
گهرجي تو پڙلاءُ، اڄ به تنهنجي كينري.

يتائي! ڏنيون تو كهڙيون اذيتون!؟
تي ويا لذتون، تنهنجا سيئي بيتڙا.

وري رت رابيل جي، تتي ۾ ايندي،
خوشبوءِ تيندي، پيهر ساري سنڌ ۾.

ڳاڙهسرا تيا ڳلڙا، تڙيو جيئن حجاب،
بدن جڻ گلاب، سڳنڌ آهي ساهه ۾.

عشق نه ڄاڻي پئمانا، كهڙ ي مَن وديا،
ڇاجي لاءِ ڇريا، ماپين تو تون پيار كي!؟

وري رُت رابيل جي، ايندي تتي ۾،
ويندي تتي ۾، دلڙي سرمد جي وري.

كنهن كي لٺ ڏيكارِئين، كنهن كي آڇين ڇٽ،
تنهنجو سارو هٿ، متجي ويندو ڏوڙ ۾.

آسمانُ سياري جو گهنڊڙيون مندر ۾،
منهنجي اندر ۾، سپنا سانجهيءَ جو ڦتا.

ساري رات سريرُ هي، توكي ساري تو
لڙك هاري تو هينئڙو اترَ واءَ ۾.

ازل کان ابد تائين، وقت وهي ٿو
ڪاڏي ڪهي ٿو ڪو بہ نہ ڄاڻي راز ڪي.

وقت وڏي سمنڊ جيئن، اپار ۽ اٿاهہ،
اِنهيءَ شهنشاهہ، طابع سارِي سرشٽِي.

ازل کان ابد تائين، ڄڻ ڪوئي درياهہ،
وقت آهہ اٿاهہ، ڇوڙ نہ آهي ان جو.

پهتيون هن باريڪ ۾، پويون پرڇايون،
نيٺ تہ سُهايون، ايندِيون منهنجي ديس تي.

هاڻي آهن ظلم جون، پويون پرڇائيون،
جلدي سهائيون، ايندِيون پنهنجي ديس تي.

توسان گڏ پٿائي، سفر ڪريان آنءُ،
وڻن جيان ڇانءُ، مون تي رهي تنهنجي.

پٿائي! تنهنجي ڇانءَ ۾، اڳتي وڌان مان،
هٿڙا مون مٿان، سدائين تون پنهنجا رکين.

پڪڙيل آهي سنڌ ۾، وک وک کهاڻي،
حشو ڪيولراماڻي، اڄ بہ آهي دل ۾.

ويجهڙ ماضي سنڌ جو ڪائي ياد لٿي،
پرچُو وديارٿي، اڄ بہ اسان سان ساٿ ۾.

ماڻهن منجهہ منافقي، وڌ ويڙهي جيئنءَ،
مٿان تون پائيينءَ، سچو هر هڪ آدمي.

ڏکئي وقت ۾ ڪو ڏئي، جي سگهڻو دلاسو،
پوءِ بہ ڄڻ پاسو اُن تنهنجو آهي ڪنيو.



ڏسي ڏکئي وقت کي، مٿان گهبرائين،
مٿان لهرائين، ڪنهن اوکيءَ ويل کان.

ڏاڍي پريشان، هئي پنهنجي زندگي،
اچي ڪو مهمان، سلجهائي ويو سوچ کي.

مادموزيل تراکي، تون نہ وسرنديينءَ،
سدائين رهندينءَ، خوشبو ٿي هن سنڌ ۾.

سيد! تنهنجا عشق، ڪيڏا سهڻا ها!
من مُهڻا ها، رنگ رنگ ڪري ويا زندگي.

رات لٿي زندان تي، جاڳيا تصور،
ساري پنهنجو گهر، هاءِ! لڇي ٿي دلڙي.

رات لٿي زندان تي، توکي ساريوسون،
هينئڙو هاريوسون، سمجهي توکي هيڪلي.

رات لٿي زندان تي، بند ٿيا دُوارا،
ٻاهر ستارا، سَجيا هوندئي سينڌ ۾.

رات لٿي زندان تي، همٿ نہ هاريسين،
ور ور واريسين، توتان حياتي سنڌڙي!

زماني ذلتون، ڏنيون مون کي ڪيتريون!
آهن توسان اٿاهہ، پوءِ بِي محبتون،
ٿي ويو لذتون، درد پنهنجي جيءَ لئہ.

گهري هجي ڪيتري، اونداهي تہ ڇاهِ؟
هينئڙو نہ لاهِ، نيٺ تہ ٿيندو سوجهرو.

ڪڏهن ٻانهون تو ڳچيءَ، ڪڏهن هٿڪڙيون،
مون کي سپ گهڙيون، پياريون آهن ساهہ کان.

جندڙي ڪچيءَ ول جيئن، ڇو تون توڙين ٿو،
منهنڙو موڙين ٿو ڇا جي لاءِ سچ ڪان!؟

ڪوئي آهي ڪونہ، جيڪو درد ونڊي،
اچي دز ڇنڊي، صاف ٿئي جندڙي.

مرڪين ٿي تہ ملي ٿي، جُواڻي جنت کي،
تنهنجي سونهن مٿي، موهت ماڻهو فرشتا.

وار وڇائين عام لئہ، ڪڏهن تون متان،
فقط پرينءَ اڳيان، پڌرو ڪجانءِ پاڻ کي.

هي تنهنجو تن بدن، آهي راڻي لاءِ،
مومل! ماڻي لاءِ، متان ڏسين ٻين ڏي.

ڪڏهن شاعري، اوڙڪون ڪري اچي،
ڪڏهن چپن تي، مُهر چڙ تہ ماٺ جي!
دشمن لُڏيا ٿي اِيئن، جيئن لڏن ٽا ڪانهن،
دودا! تن جي دانهن، اڄ بہ ٻُري ٿي وائَ ۾.

آهہ اچا آزار ۾، دودا! تنهنجو ديس،
اڄ بہ ڌاريو بديس، فوجون ڪاهيون ٿو اچي.

اڪيلائي ۽ غم، ماڻهو ماريو ٿا وجهن،
دعا گهران هردم، عاشق ٿين نہ اڪيلڙا.

روڙي پنهنجي روح کي، جيئن وڄايئي ساز،
ڳئورو ٿيو آواز، پرجي آيون اکڙيون.

مڪلي! تو ۾ گم ٿيون، ڪيڏيون ڪهاڻيون،
ڇا ڇا جواڻيون، ڏنئي پنهنجي ڏيهہ ۾!



اڄ بہ ٻُري تاريخ ۾، دودي جو ويساهُہ،
سنڌڙيءَ تي جن ساهُہ، واريو زندهہ ٿي ويا.

اُهي اکيون سرمگين، جهڙ ڪري ويون جيءَ تي،
هاڻ وسي ڪڪر جيئن، راتو ڏينهان روحڙو.

ڪڪرن جيئن اپري، مون ڏي آئين تون پرين!
دلڙي هيءَ چري، راتو ڏينهن وسي پئي.

رم جهم ڪري ويون روح تي، تنهنجون نگاهون،
پرين! تو ٻانهون، واسي ويون وجود کي.

تن من تنهنجو آهہ، مالڪ آهين وجود جو،
جيسين آهي ساهہ، آئون اوهان جي آهيان.

ڇڏيم سچو وجود، ارپي توکي سنڌڙي،
مون ۾ تون موجود، آئون اوهان جو آهيان.
سنڌ ورستيءَ ۾، تون اچين شال وري،
پئونري جيئن پِري، ڏسن توکي ڇوڪرا.

ڇا لئہ وجهين اک!؟ سرتي آهي دوست جي،
پنهنجي سينڌي رک، جي تو هينئڙو اڄ ۾!

آئي ننڊ اکڙين ۾، اڌري اڄ اِيئن،
پکي اچن جيئن، آکيري ڏي شام جو.

ڪجليون اکيون پرينءَ جون، مون کي ماريائون،
۽ پو جياريائون، ڪٽي نگاهون پيار مان.

آهن منهن پرينءَ جي، طور سينا جئن تجليون،
اکيون جنهن جون ڪجليون جادو ڪري ويون جيءَ تي.

چاجي لاءِ دوست سڀ، ٿي ويا اڄ اجنبي !؟
ڪيڏانهن ويا لنگهي، هو جي ننڍپڻ ڏينهنڙا.

ڪتين ڪر موڙيا پرين! آئي تنهنجي ياد،
ٽيڙو ڄڻ فرياد، توکي ڪن ٿا عشق ۾.

جي تون چاهين زندگي، ڊڄ نہ موت ڪنان،
لاهي ڇڏ منان ، اڻ ڄاتي جي ڊپ کي.

ناتو تن ۽ من جو ندي،َ سمنڊ جيئن،
تون اِن کي ڪيئن، الڳ، هڪبئي کان ڪندين!؟

متان تن ۽ من کي ، الڳ الڳ پائئين،
۽ پو پڇتائين، چاهت ڪري اڏورڙي!

اجنبي! آهين،َ ڪير، توکي ڏٺو آ،
ڄڻ تہ ڦٽو آ، چشمو مون ۾ پيار جو.
ڇڏي وڃين ٿي واءَ ۾، جڏهن تون خوشبوءِ،
پئونرا گفتگوءِ، ڪن ٿا :”گل ڪٿي ٽڙيا!؟“

اکڙيون ڪنيون تو، بند ٿيا سڀ مئڪدا،
اِتان جن پيتو، ٻيهر طلب ڪانہ ڪئي.

سياري جي اُس جيان، هلڪا تنهنجا ڇهاءَ،
ميٺي سارا گهاءَ، تن کي ڏئي وئين تازگي.

آهي ماڻهوءَ من ۾، چاجي لاءِ خوف!؟
ڪٽي ڪلاشنڪوف، ٻيٺو آهہ بچاءَ لئہ!

ڪڏهن اڪيلائي، سڀ ڪجهہ هجي ٿي،
ڪائنات سجي، لڳي پنهنجي پاڪرين.



دل ڪڏهن شور ۾، گم ٿيڻ ٿي چاهي،
جيئن سگهي وراهي، هر ڪنهن سان ٿهڪڙا.

جيوَنُ پروليءَ جيئن، آءُ! تہ ڳوليون پيڇٽي،
سڀ کي آهي وٺي، توڙي حياتي ڏڪڙا.

اجنبي ٿي ويو، ماڻهو ماڻهوءَ کان،
کهڙو وقت متان، بيٺو آهي اڇي.

ايڏي بي خبري، ناهي ڇڱي دوست کان،
مون تي ڇا گذري، توکي ڪونهي ڪو پتو.

ٽڙيا گل گلاب جا، پکڙيون سرهاٽيون،
آءُ! تہ گڏ ماٽيون، سُرها جوين ڏينهنڙا.

سُرها جوين ڏينهنڙا، متان وڃائين،
متان لنوائين، چپ اڇن جي پيار مان.
سُرها جوين ڏينهنڙا، ڪنهن تي شل وارين،
تون متان ڏڪارين، هٿڙا جي هرکي اچن.

سرها جوين ڏينهنڙا، سڳنڌ اڏارين،
امرت پيارينِ، آسوندن کي اڄ ۾.

سرها جوين ڏينهنڙا، مٿان سرهي سيج،
هينئڙي سڀ هيج، پنهنجا اڄ پورا ڪيا.

پٿائي! آنهہ درياهہ جيئن، اسين ڄڻ تہ وليون،
پري ڏات ڪليون، مرشدا! ڏين ٿو ٻاجهہ سان.

اپري آئي اوچتي، ڪائي نيڻ نهار،
جاڳيو مون ۾ پيار، ٻيهر سانوڻ مينهن جيئن.

اندرڪائي اُساٿ، لهِي لهي ڪانهہ ٿي،
چشمي جيئن پلٽي، ويڙهي وڃ وجود کي!

ول جيئين وجود تي، ڪڏهن ڇانئين تون،
شل نيائين تون، پنهنجي قول قرار کي!

ڪٽي نيڻ خمار مان، بخشيئي زندگي،
رڳ رڳ وئي رچي، پرين! تنهنجي پيار ۾.

ڇا لاءِ هنيئي بي پتا!؟ ڳنوَر کي گولي،
پيار ڀري ٻولي، سانت ٿي وئي ساهہ سان.

ڳنوَر! تنهنجو ڪلام، اڄ بہ جاڳي جيءَ ۾،
سنڌڙي روز سلام، توڏي مُنجي حب مان.

هر ڪنهن پنهنجو رنگ، لاوڻي، رولا، ڏُپال،
شفت، للت، ڇئوپال، انگ انگ ڇڻ آ رقص ۾.

مڇيون ٻوٽ ٻڏي، ويٺيون آهن سمنڊ ۾،
ويون آهن وڏي، ڏرتيءَ تي پر نفرتون.

چَرندي چانڊوڪيءَ ۾، رات ڏٺا سين ڏڻ،
ڪارونجهر تي هرڻ، جادو آهہ جهان تي.

رات ڏٺاسين واڳهہ، تنهنجي اکين ۾،
پر بہ ونءُ نہ وڃي، هينئڙو توکان سپرين!

ساري رات سنيار، جاني تولئہ جيءَ ۾.
مون سان تون پيهار، ڇا ملندين ڪڏهن ڪينڪي!؟
جهومڪ ڇمن ٻگل، ۽ ٻڳچيءَ ڇمي ڏُهري،
اکيون ڇميون ڪجل، نکري تنهنجي سونهن وئي.



هيرو چمڪي نڪ ۾، لبڙا چميس لالي،
شال ٿيون وصالي، اسين سهٽي پرينءَ سان.

هوءَ جا هئي جل پري، هرڪوان جو پڇي،
موهي محفل کي، ويئي پنهنجي مرڪ سان.

جيوڻي! لٿو جيءَ ۾، تنهنجو ئي آواز،
جاڳيو من مجاز، دل ۾ ديرا درد جا.

جيوڻي! ڇا جادو، تنهنجي هو آواز ۾!
عاشق سپ قابو، ٿي ويا ان جي سحر ۾.

جادوڪن ٿا جيءَ تي، تنهنجي نيڻن جيئن،
بي ڪيف نہ پانئين، هي جي سنڌي سورٺا.

دوها منهنجي دل تي، تري آيا اِيئن،
هنج ترن جيئن، ڪري قطارون ڍنڍ ۾.

ڪُنگرا اوچي ڪوٽ جا، ساٿي! ڏس ٿُتا،
اِجهي هاڻ ڪٿا، هي جي پنڌ پهاڙ جا.

ڏمر هيا جي ڏيهہ تي، آيو تن جو انت،
آچي ويا امرت، سجايا پنڌ پهاڙ جا.

چپ گلاب پرينءَ جا، ٻاڳيون رس ڪمانڊ،
ڀري پنهنجو پاند، آڇيئون مَنڌ ڪٿوريون.

هرڪا عورت ناهہ، جادوءَ جيان جيءَ تي،
ڪائي ڪائي نگاهہ، دلڙي ڇيري ٿي وڃي.
توسان ئي منهنجو عشق، توسان ئي آنينهن،
توبن اکڙئين مينهن، هڪ پل پي رڪجي نٿو.

سر بچائڻ لاءِ، سُرڪي وڃايئي!
ڪجهه به نه پايئي، عمر ماڻي ڪوڪلي.

ٻانهي آهي ڪانڪا، هيءَ جا تنهنجي زال آ،
انهيءَ سان رشتا، رکج سدائين چاهه جا.

شفق رنگ رتي، ٽانگر جيئن ٽڙي پئين!
لڳين سون وٽي، سانجهيءَ جي آڪاس ۾.

سنڌڙي اڄ به شيام! توکي ساري ٿي،
واٽ نهاري ٿي، وڇڙي ويل اولاد جي.

وڇڙيون ڏيئون ماءُ کان، لعنت ورهاڱي،
روحن کي راڳي، انهيءَ رت روئاڙيو.

ٻار سمهاري لوڏَ ۾، ويئي جيئن ٻاهر،
جلدي موٽي گهر، ڇاتيون پريس ٿڃ سان.

ٻار رنس جيئن گهر، ڇاتيون ڇلڪيس ٿڃ سان،
ٽڪڙي ٻنيءَ تان، موٽي واپس ڳوٺ ڏي.

سمهي پيئي سانوري، پري منهن سُڪونَ،
ڪهڙي جوش جنونَ، عاشق جاڳن رات جو!؟

مينهن ڏُهندي مُنڌ ڪي، سمجهي سگهين نه تون،
جيئن پريون ڇروڙيون، تيئن جذبا جاڳيس من ۾.

اُٿي اسر وير جو، ڪير ولوڙي ٿي،
ڇڻ ته جوڙي ٿي، نئين سِر هيءَ سرشٽي.
اڇي پرهه جي هير سان، ”جُهو جُهو“ جو آواز،
مانڌاڻيءَ جو راز، جن سمجهيو ننڊ ڦٽي ڪئي.



تنهنجي ڳلن تي پيو پرتوو جيئن شفق جو،
رنگ پکيڙيا تو، سانجهيءَ ڪيڏا سمنڊ تي.

ايئن ڇٽي پئي چاندني، چمون وڻن مان،
پرت_ ٽڪن مان، جيئن اٿن ٿا ترورا.

ڳالهيون ڪن ٿا واءَ سان، ڪنڌ ڏوٽي وڻ،
هيٺ ٻڪرين ڏڻ، ٻي ٻي ڪن ٻڪرار ڪي.

ڇڻ ته بَکيا آڪاش جا، تارن اکيڙيا،
ڇاڇا پکيڙيا، سانجهيءَ رنگ سمونڊ تي.

ڪٽڪ سلا سونَ جا، پر ۾ هارياٽي،
ڪسيءَ ۾ پاڻي، جنت منهنجي سنڌڙي.

ڪسي وهي ٿي ردم سان، هلڪو سيارو،
پاڻيءَ نظارو، ٻار مرڪي جيئن ننڊ ۾.

ننڍڙا ٻوٽا انب جا، ٻار جيان آهن،
توجهه ٿا چاهِن، هاري! تنهنجو پيءُ جيئن.

سڀ ڪجهه ناهي سائين! آڪاش واٽيءَ ۾،
اسرار پاڻيءَ ۾ ، چنڊ چميو پاتال ڪي.

سرنهن گل ٽڙيا، خوشبو پهتي ڳوٺ ۾،
اڇي پيئونر مڙيا، ماڻيئون منڙي رس ڪي.

هي جذهن ٻه زيتونَ، ڇايا تنهنجي بت تي،
خمار، جوش، جنونَ، آئينءَ منهنجي هنج ۾.
ڇڏي سڀ حجاب پرين! اوري آءُ تون،
چمين سان چُڳون، ڏاڙهون تنهنجي بت جا.

آهي مَدَّ پريل، لتا جي آواز ۾،
جيءَ نہ آئي جهل ، اڏري ويو پرينءَ ڏي.

شيام! تنهنجي شاعري، تارن جيان آهي،
سدا پئي وراهي، هر هڪ جاءِ روشني.

هاڻي اچي ٻنيءَ تي، روز سويري،
ڏنيون وڏيري، هاريءَ سهڻيون ڇوڪريون.

ور لئہ ٻنيءَ تي ڪٺي، آئي مانيءَ ڏَکيون،
پر ۾ ماکيءَ مکيون، مِڙي آيس چاهہ مان.

مومل! راڻي لاءِ تون، راڻو ئي رانئين،
تون متان ورهائين، هر ڪنهن سان هي راتڙيون!

چا ٿي پيو جي راتڙي، ٻئي کي ڏني تو!
اِهو حق رڳو، توکي تنهنجي ٻت تي.

منزل ناهي هر پنڌ، چا لئہ ٿئين پيوت!؟
ڪوئي ڪوئي سڪوت، اوچو هر اڏام کان.

ڪيئن گهٽيندين سپ ڳالہ ڪنهن ڪنهن وڄهندين ڪاٺا؟
مور نہ ٿيندي ماٺ، آزاديءَ جي ڳالهڙي.

هيءَ جي سوريءَ ساٺ، سي تہ سدا جي زندگي،
ڪائي ڪائي ماٺ، اوچي هر آواز کان.

بيهي ڪونہ سماج ٿو سدا لاءِ نہ ڳهر،
ڪائي ڪائي ڍر، تيز هر هڪ ڊوڙ کان.
چوٽ نہ ڏي ڪنهن دل کي، ان ۾ آهہ خدائي،
ڪا ڪا گهرائي، مات ڪري اوچائيون.



منهنجو من سموند جي، تري جيان آهہ،
سهسين چراگاهہ، جيوت_ دنيائون اڻ ڏٺيون.

عظمت ڪنهن ڪنهن ايتري، حصي ۾ آئي،
جو هر اوچائي، حقير آهي ان اڳيان.

سَر تي لٿا ستارا، ٿپيون ڏنائون،
مرڪي ڏنائون، ڪنڌي تي ڪي ڪامڻيون.

گردش ۾ آ وقت، هي ڏينهن بہ ڦرندا،
نيٺ تہ ڪرندا، اوچا ڪنگرا ڪوٽ جا.

داخليت توڙي خارجيت، مون وٽ هڪڙي چيز،
ٻنهي لئہ مهميز، آهي منهنجي شاعري.

ناهن هن جهان ۾، رڳي محبتون،
ڪي ڪي نفرتون، چڱيون آهن پيار جيئن.

توڙي گيڙوءَ ويس، پنهنجا بيت گلاب جيئن،
جهڙو سنڌوءَ ديس، تهڙو تن جو روپ آ.

جهونا ڳڙهہ ۾ رات، سڏڪا سورٺ جا هئا،
جيسين ٿي پريات، سپ ڪجهہ ويو چڪيا چڙهي.

مئخاني تي رات، شبنم شبنم ٿي لٿي،
پياڪ سپ پريات، شعلا شعلا ٿي ويا.

مئڪدي تي ماڪ، قطرا قطرا پئي وٺي،
هيا سپ پياڪ، قدم قدم ٿيڙ ۾.
هاڻ نہ ڪائي ڪاڪ، ناتر، مومل ڪينڪي،
وقت ڪيا سپ خاڪ، جيڪي جاهہ جمال ها.

اڇي مارئي! ڏڍُ ڏي هن ڏيهه کي،
اڄ بہ ڪيئي، عمر آهن ديس ۾.

هاري! جيسين تون، قادر نہ ٿيندين قسمت تي،
تنهنجون اميدون، ڪچنديون رهنديون هر کيت سان.

پورهيت جيسين تون، طاقتور نہ ٿيندين،
گوندر گڏيندين، سدا پنهنجي ساهہ کي.

متان تون ٿيڙو، ڪڏهن پيتين بيت سان،
رنگ جي گيڙو، پو بہ ڪتين جيئن چمڪٽا.

ها تون وائيءَ کي، اڱيان آڻج بيت جي،
امڙي ۾ ٻچڙي، ڪهڙا ليڪا اورٽا.

ڪڏهن نظم کي، پيتج نہ پنهنجي بيت سان،
قد بت تي، ناهي رکيل ڪا امرتا.

ڪڏهن تون غزل، پيتج نہ پنهنجي بيت سان،
بيت انگورن ول، واسين ٿا ولهار کي.

اوتي پنهنجو روح، اسان ڇڏيو آ بيت ۾،
سنڌڙي وجهي جوهہ، مرڪي پيئي ٿي ڏسي.

جاڳي ساري رات، ڇو تون لکين ٿو
ڇا تون سکين ٿو ڪرت جوڙٽهار جي.

بيت بہ سنڌڙيءَ جيئن، مون کي ڇڪين پاڻ ڏي،
جڻ ملجي مٽيءَ سينءَ ، آئون خوشبو ٿو ڏيان.
آهي تنهنجي سونهن جي، مون ۾ سهائي،
شل روشنائي، سدائين ڪرين سنڌ تي.



آزاديءَ جي ڪيچ لئہ، سسئي ٿئي ڪير،
هلي ڦٽائي پير، پهاڙن جي پيچري.

آهي راءِ ڏياچ ڪو ڪري سنڌ سُجان،
ڏئي پنهنجي جان، آزاديءَ جي ساز تي.

رنجائج نہ تون ڪڏهن، پرين ڪاوڙجن جي،
ٽٽل دلين کي، ڪو ٻَڪيو لڳي ڪونہ ٿو.

ننڊ سُتي جيئن سانوري، ٻيهي چنڊ ڏٺو
جڻ تہ پئي سوچيو ڪيئن وٺان ان ڪان چمي؟

ڪنولُ پاٽيءَ پاڪرين، ڪپر تي جوڙو
ڪوئي وڇوڙو، تن کي ٽوڙي ٿو سگهي؟

وهيون تنهنجون ڏک ۾، اکڙيون سُرمَگين،
ڪري ويون غمگين، منهنجي سڄي وجود کي.

پريندي اوڙو جيئن ڏنائين نينگري،
ٻچڪاري گهوڙو، آيو ٻهاني سان لڙي.

ڏئي سکين سان ٺهڪڙا، جڻئن ڏوتائين روءَ،
ٿي ويو خوشبوءِ، پاٽي سڀ نياڻ جو.

وڏائين ٻندُر ۾، ڳُتر ڪري ڪانا،
تنهن ڪان پوسانا، رڏڻ ويني چلهہ تي.

ساري رات هڳاءُ هو، رات راٽي جو
يا جواٽيءَ جو نشو چڙهيو پئي پاڻ تي.
اڄ بہ گهرجي ترار، سنڌ کي دريا خانَ جي،
جنهن سان ڪجن وار، ور ور ويرين جي مٿان.

سڪڻا دلاسا، گهرجن نہ ٿا ديس کي،
آهن چؤماسا، رُت ڦِري ناهي اچا.

پسار ڪن ٿيون سومريون، روپا ماڙيءَ تي،
ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي، سنڌ ڪهاڻيون ڪيتريون!

دودو ڏسي ٿو حب مان، ٻهڪي ٻاگهيءَ کي،
اِن ٻينرڙي تي، سهسين سرڙا وارجن.

مون کي ننڊ اچي پئي، ويٺي ڪرسيءَ تي،
هاڻي ذهنَ ٽڪي، لکي لکي هيءَ شاعري.

ڏينهن گذري ٿو وڃي، پوءِ بہ لک لکان،
منهنجي جيءَ  مٿان، جادو آهي شاعري.

تون ڇئو پکي پرڏيهي! سنڌ کان وڌ منو
ٻيو ڪو ڏيهہ ڏٺو تو هن روءِ زمين تي!؟

پيار رهندو روان دوان، پيارا بدلبا،
چارا بدلبا، پنڌ اُهوئي ساڳيو.

هاڻ اچي ٿي اِئين، جيئن ساوڻ جي برسات،
ساري ساري رات، مون تي لهي ٿي شاعري.

ويا جڏهن ڪيڏانهن، يار ڇڏي مون هيڪلو
آئي آ مون ڏانهن، محبوبا جيئن شاعري.

اڪيلائي ۾ جڏهن بہ، دل ڪئي ڪا دانهن،
ڊوڙي آ مون ڏانهن، محبوبا جيئن شاعري.
گهنگهور گهٽا جيئن هي، مون تي ڇانئي آ،
مون ڏي آئي آ، ساوڻ ٻڻجي شاعري.



ڄامشوري ۾ وري، ملبو ٽڏهين ئي،
ايندي جڏهن ئي، رُت بسنتي ديس تي.

اڄ بہ تو الزام، آندا مون تي وائڙا!
منهنجو تون مقام، سمجهي سگهندين ڪينڪي.

مون تي پيو تون آڱريون، پنهنجون جي ڪٽنديں،
ساڙ رڳو سڙنديں، پيو ڪجهہ سَرندءِ ڪينڪي.

سکر، سنڌوءَ، روهڙي، ڪيڏي سونهن ميان!
جرڪي سونَ جيان، ساڌ ٻيلو شام جو.

جڏهن رتائين، مون کي ٻانهُنِ ۾ پري،
ڄڻ تہ ڏنائين، پيالا امرت رس جا.

وچن ڪري تون وري، موٽي آئينءَ ڪونہ،
پر مان ٻاريان چو نہ، ڏيئڙا تولئہ ڏات جا.

ايريا اڄ آثار، اِجهي بدليا ڏينهنڙا،
آدمين اظهار، ڪو بہ نہ روڪي ٿو سگهي.

ڪينجهر جهڙي ڇوڪري، نيڻ ڪنول جيئن،
وڪوڙي جل جيئن، ويئي منهنجي روح کي.

تون ئي ڪيپُ خمارُ آن، تون ئي رونهن ورونهن،
مومل! تنهنجي سونهن، مات ڪيا سپ مئڪدا.

محبت ڌاران ڏينهنڙا، دوزخ جو ڄڻ دونهن،
سورٺ! تنهنجي سونهن، جنت آهي جيءَ لئہ.

نيٺ تہ خالي ٿي ٿئي، تجوڙي جيون جي،
پبن پر هلي، موت اچي ٿو چور جيئن.

ڪوبہ چؤنڪيدار، موت نہ روڪي ٿو سگهي،
سپيئي هٿيار، بيوس آهن ان اڳيان.

ان ڪان وڏ نہ آهي ٻي، ڪائي ذ لالت،
ماري ٿي غربت، ماڻهوءَ اڳ ۾ وقت ڪان.

ڇاتيءَ تي آڪاش ڪي، تارا ڇڻ تہ پرت،
ڪيڏي آ قدرت، سهڻي ٿاهي سرشٽي.

آيو پيارُ ڪڪوهَ جيئن، ان ڪان ڪيئن بچون،
اوري آءُ نچون، منهنجي من جي مورڙي!

آيو منهنجي جيءَ تي، پرجي اڄ جهڙ،
پوي ٿي ڦڙ ڦڙ، توڙي ٻاهر اُس آ.

ڦيٿا منهنجي جيپ جا، لتاڙين پهاڙ
۽ هو چنڊ_ ماڙ پڻ آ منهنجي پيرڙين.

گهڻو اڳتي چنڊ ڪان، آئون اڄ وڃان،
سارا راز پيچان، ڳجهہ نہ ڪو ڳجهو رهي.

چنڊ نہ اهڙو منڊ، جهڙي تنهنجي روشني،
تنهنجي سونهن اڪنڊ، صورت تو جهڙي نہ ڪا.

چاندي تنهنجو تن آ، دلڙي هيرن ڪاڻ،
تو سان ڄاڻ سڃاڻ، جرڪا آندا جيءَ تي.

مرڪي ڏٺو تو، گل ڪڙي پيا دل ۾،
ڇڻ تہ ڪو جهوٽو، هُئينءَ پرهہ جي هير جو.

سون لڳي ٿي پولڪا، تنهنجي ڇاتين تي،
اڪڙين آتين تي، لٿئين مڏ خمار جيئن.



ساروئي سنسار هي، آهي ڪو تہ عجب،
سبب ٻي سبب، ڪوئي آهي ڪينڪي.

سارو هي سنسار آ، تنهنجي طابع رب!
سبب جو بہ سبب، واقعي تون ئي آهيين.

ڪانهي ڳالهہ يقين جي، ڪونهي ڪجهہ پي شرڪ،
جي تو ناهي عشق، اجايون سپ عبادتون.

چيلهہ مٿان آ ٻارو، مٿي تي آ گاهہ،
عورتَ ڏکي زندگي، الا! پو بہ نباهہ،
ٻهراڙيءَ جو چاهہ، گهٽيو نہ ڪڏهن مال سان.

”مٽي ڪڍي چيلهہ مان، پريائين ڇاتيون،“
ڏِسون سپ مڏماتيون، لٿي مُنڊ زمين تي.

آنءُ گهٽا گهنگهور پر، ترسان ڪنهن ڪنهن سَر،
جهڙي عورت اتر، تهڙي مون من نيندِ آ.

آنءُ نہ هر هڪ جاءِ تي، ويرو تار وسان،
ڪنهن ڪنهن مُنڊ مٿان، آهيان سانوڻ مينهن جيئن.

ڇاتي پيالا مَڏ جا، انهيءَ پار وڃان،
ماڪيءَ مک جيان، ويهان نہ هر هڪ گل تي.

آهين مڙس وڙائتو پوڙها! ڏاڍو پر،
ڇا لاءِ دربدر، هن وهيءَ ۾ پيو ٿئين!؟

جادو آهين ٿر جو مائي ڀاڳي! تون،
جاڳيا ڏهر، پٽون، روشن ٿي وئي سنڌڙي.

ماٺ سنڌو آواز جيڪر ڪو سمجهي،
اڄاتا سڀ راز، پيچي هن جهان جا.

وڃن پيا واءَ ۾، ازل جا ڪي ساز،
ماٺ سنڌو آواز هر ڪو ٻڌي ڪينڪي.

پره ڦٽيءَ جو پٽ، واقعي هئين سوئيڪارنو!
اڃري آندي تو، پنهنجي وطن لئه روشني.

ايئن ملئين ٽئگور کلهه، گيتانجلي ۾،
منهنجي ڳلي ۾، جڻ تون لنگهي آئيو.

دليون ڏسن ڪونہ تا، ماڻهو اياڻا،
کهڙا سياڻا؟ ساٿ ڇڏيائون سچ جو.

جُهڙ جيئن پکي اڏيا، چانو تي جر تي،
موهي ويو مونکي، تنهنجو سمنڊ سنڌڙي!

”جيسين هن جهان ۾، ايندا پيا ٻارڙا،
تيسيتائين خدا، راضي آهي پاڻ تي.“

سياري رات منڊ، ڪيڏا تارا موهڻا!
تنهنجي يار اڪنڊ، سارو وقت سرير ۾.

ڏنو آهي تو ڪڏهن جادو رات جو!؟
سنگهيو آهي تو ڪڏهن تن_ رابيل ڪي!؟

ڪيڏي رات هئي، رقڻي تارن ۾،
جڻ تہ جارن ۾، ڏيئا پئي لڙڪڙائيا.

ڇئو ڪيسيتائين مان، توکان دور وڃان،
پيرو ڪيئن پچان، توبن ساهہ سري نہ ٿي.



تلاءَ مٿان تُرورا، تارن رات ڪيا،
اڏري وڳر ويا، ڌرتي تان آڪاش ڏي.

آهي جيون جڪ، جي ڪو مقصد ڪونہ آ،
ڪوئي آدرش رک، پلو ڪر سنسار جو.

ڪاڪا جيت بہ مات آ، ڪا ڪا مات بہ جيت،
هن ڌرتيءَ جي ريت، آهہ نرالي سڀ ڪان.

يار رهي تو روح ۾ ، مون کان ڌار نہ آ،
دنيا سمجهي ڇا، اسين سدائين ساڻ هون.

ناهيان آنءُ اڪيلڙو، مون سان گڏ آن تون،
هاڻي هي اکڙيون، ٻئي در ڏسنديون ڪينڪي.

توکي ڪيئن جهليان مان، وڃين تو پرديس،
دلڙي پئي ويس، پائي تنهنجي ڏک جا.

آهيون پاڻ اداس، سنڌڙي ڏيهہ ڏک جو
ڪونهي ڏوهہ رڳو تنهنجي يادن جو پرين!

اونداهي اڪٽ، پئي لڳي مٿان ديس جي،
پره ڦٽيءَ جا پٽ، ڪيڏي آندوَ روشني!

توڙي هارايو پوءِ بہ آهيون ويڙهہ ۾،
ڪنڌ نہ جهڪايو اڳيان ڪنهن ٻي ڌاڙ جي.

”ناهي ڪجهہ مقدار ۾، لِکُ معياري!“
اڇي شاعري، مون کي چيو ڳن ۾.

سنڌ ٿيندي سوجهرو، ويندو انڌارو،
پره جو تارو، اڀريو آ آڪاش تي.

آئون جاڳان ٿو پرين! ستو آهي لوڪ،
مون وسايو جهوڪ، وري شاهه عنايت جيئن.

آزاديءَ جي او پرين! سيد ڏئي ويو ساک،
اجها ڦٽي باک، آيو سنڌ تي سوجهرو.

چاڻ پڳاسون ماڳ تي، ڪونهي پنڌ پري،
ڪوئي ڪين ڏري، اونداهي جي ديوَ کان.

ايري ايندو اوچتو، آزادي جو ناﺀُ،
متان لاهيو هانﺀُ، چاڻ پڳاسون ماڳ تي.

ڇاجي لاءِ پيئان، آئون توسان ڇيڳرا!
جڳ جڳ ڇو نه جيئان، اڪڙين مان پيالا پري.

آنءُ اُنهي جو آهيان، اُهو منهنجو آ،
رڳ رڳ منجهه رچيا، اسان پرين پاڻ ۾.

متان سمجهين تون، منهنجا گيت ڪٿي ويا،
اڃا هاڻي مون، آهي بسم الله ڪئي.

جاڳيو تولئه شاعري، آهيان سڄي رات،
تون بہ ٿي برسات، وٺي آهين مون مٿان.

هاڻي ننڊ اچي پئي، ڇڏ ته آنءُ سمهان،
ٻيهر جيئن رچيان، تازائي سان شاعري.

مڏُ جيان مون ڏي، اچي ٿو منهنجو پرين،
وڃي روح گڏي، منهنجو پنهنجي جند سان.

ٻچن جي هي مند آ، پڪي مار نه تون،
ڇڏ ته ڪن چُون چُون ، چوٽو وجهي وات ۾.



واءُ وٽندڙ ٿي وئي، وڻ ٽڻ ڏوتا مينهن،
نڪري فطرت اِيئن، ڄڻ تو ڌوتا انگڙا.

نيٺ اچي وئينءَ تون، منهنجي اوتاري،
ڏيئا مون ٻاري، رکيا تو لئه روح جا.

ڪيٽي بندر تي ڪڏهن، ٿيندا سونهن ميلا،
آئيندي ويلا، آڻيندي ڪئين سوجهرا.

لٿي شام سمونڊ تي، اڏري پئي آڙي،
ڇِتر هي لاڙي، منهنجو من موهي ويا.

آڏي رات سمونڊ تي، ڪراچيءَ ميلا،
سونهن سندا ريلا، موهي ويا من کي.

آئون ازل، تون ابد، توڏي ٿو ڪاهيان،
توکي ٿو چاهيان، تون ئي منهنجو ماڳ آن.

آئون ئي روڪ صدين تي، آئون ئي پلاٽيان،
آئون ئي آٽيان، اونداهين ۾ سوجهرا.

منهنجو من مندر، منهنجو من مسيت،
منهنجي آهه پريت، سوين روپ روز جا.

سوين روپ روح جا، سوين مايا چار،
آهي فقط پيار، رستو ڪنهن نجات جو.

آئون ازل، آئون ابد، آئون ئي منزل ماڳ،
آئون ئي پنهنجو پاڳ، آئون ئي سور سرير جا.

آئون ازل، آئون ابد، آئون ئي منزل ماڳ،
آئون ئي وقت اجهاڳ، ڦهليس هن ڪائنات تي.

منهنجي من ۾ مارئي، سدا جاڳي ٿي،
سدا واڳي ٿي، مارن سان هن روح کي.

خوشبو ٿي تاريخ وئي، ميڻيا نه ڏوتا تو،
منهنڙو مارن جو، مٿي سدا لاءِ مارئي!

جاڳائي ٿي سنڌ کي، اڄ به تنهنجي چيخ،
خوشبو ڪئي تاريخ، مارئي! چيڙهه چڳن جي.

بختاور ڪان پوءِ سچو ٿي ويو آهه ڪرو،
ورو وانگي! ورو، اَنُ بچايو ڏارين ڪان.

اڄا ماڳ پري، آهي تنهنجي پنڌ ڪان،
اڪڙيون پير ڪري، هل ته منزل ماڻيين.

سڀ ڪجهه سجايو آ پرين! جي تو ڪئي پريت،
هونئن ته هار ۽ جيت، ساڳي معنا ٿا رکن.

جيون جو هڙ حاصل، آهي بس پريت،
باقي هار ۽ جيت، ڪائي معنا ڪا نه آ.

ڇاجي لاءِ قرار، مون کي اڇي ڪونه ٿو؟
دلڙي کي سئو وار، سمجهايم، سمجهي نه ٿي.

ڇاٽي پيو جي اڄ پرين! آهيون ٻيئي دور،
ٿيندو ملڻ ضرور، هڪڙي ڏينهن حيات ۾.

اسان تنهنجي سونهن جا، ڏاڍا ڳاتا گيت،
پرين! تنهنجي پريت، امر ڪري وئي شاعري.

او! ڪهڙي مٿيءَ مان، ٺهيو آهين تون،
هيڏيون هي سختيون، پوءِ به پيرا پنڌ ۾.



سرتا! توکي ٿي سجهي، ڇو رڳي ٺٺولي،
مون ته پري جهولي، آندي آ رابيل جي.

ڪيڏا جُڳ لنگهي ويا، آءُ پرين تون آءُ!
سونهڻ جيئين ساءُ، مَٿيو نه منهنجي پيار جو.

سڀ ڇڏي ويا ٿئي، مڙين پوءِ به ڪونه ٿو،
ڇاجي لئه لاٿئي، مانجهي! ٻيڙي سير ۾.

ٻوڪي ٻڏي ٻار کي، پت ڇاڙهيائين،
جڻ ته واڙيائين، من کي گهر جي پيار ۾.

تن جان خوشنصيب نه ڪو ڪئي جن پريت،
ڇا هار، ڇا جيت، نه مليو ته به پاتو پرين.

ڪجليا نيڻ پرينءَ جا، مون کي ويا موهي،
ڪنيڙا ٿو کوهي، هينئڙو هاڻي پيار ۾.

ڪنيڙا کوهي هينئڙو، ڪڏهن شال ملين،
ڏيل جيان ٺلين، منهنجي من جي ريت تي.

ڳولين ٿو ڇا لاءِ تون، منهنجون ڪمزوريون،
آءُ ته گڏ ڏوريون، سرتا! پنهنجي ديس لئه.

دل جي ڪناري تي تون، ڇولين جيئن آئين،
مون سان ٽڪرائين، ۽ پوئتي ڪيئه پيرڙا.

اڪڙيون ڪامڻِ مئي جيئن، ڇهرو جهڙو چنڊ،
مُنڌ به جڻ ڪو منڊ، پٿرائي وئي جيءَ کي

هر دل تي ڇائي، آزاديءَ جي ڳالهڙي،
اِجها ئي آئي، رُت بسنتي ديس تي.

***

# وايون



نازبوءَ پاڪر پري۔
تون ٿي سُمهِين.
آنءُ تنها آهيان،
ڪيئن هي ٿاٽو ٿري؟
تون ٿي سُمهِين.
ڪا نہ آ آڏي لڙي،
جوت تارن جي ٻري۔
تون ٿي سمهين.
آهہ هو جو تانگهہ ۾،
اڄ اتان پيرا پري۔
تون ٿي سمهين.
چنڊ ۾ چوڙي چڳون،
۽ اڱڻ خوشبو ڪري۔
تون ٿي سمهين.
ڏس ڳتين جو قافلو،
ڪوئي پيو تو ڏي وري۔
تون ٿي سُمهِين.

ڪيڏو پنڌ پري-
آهي آزاديءَ جو.
متان لاهي هانءَ کي،
ويهو ماٺ ڪري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
تيسين ڪاهيو ڪرها،
جيسين دل ڀري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
جيڪو موٽي واٽ تان،
تنهن جو ڪير ڪري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
اچو! ڌرتي ماءُ سان،
وچن اڄ پَري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
هونئن حياتي جاڙ آ،
ڪو تہ معنيٰ پري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.
رت مان اپاريون سچ کي،
جئن هيءَ رات ٽري-
ڪيڏو پنڌ پري،
آهي آزاديءَ جو.



ڪهڙي پليتائي!؟
جي تو من ميرو نہ آ.
ڪهڙا مهٽا بت کي، تون سارو صفائي-
جي تو من ميرو نہ آ.
خوشبو هن سنسار جي، آ تو ۾ سمائي-
جي تو من ميرو نہ آ.
جيئن هو پکي اپ ۾، تون ايئن اوچائي-
جي تو من ميرو نہ آ.
ڳالهيون تنهنجون ڳائبيون، ڳُوتا جيئن پٽائي-
جي تو من ميرو نہ آ.

رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي.
ڏينهن چالاڪ هو ماري چڏيئين.
وقت جي هيءَ رهزني ڪير سمجهي نه ٿو
چونه ٿو ڪو منزلن تي ڪڏهن پي رسي.
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري چڏيئين.
راهه جا ڪوپا ڪڏون ڪا رڪاوٽ نه هن،
الميو آهي ڏناسين ته رستي لسي.
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري چڏيئين.
جي نه بينائي هجي باهه معنا نه آ،
پيون ڦٽن باڪون مگر ڪيئن ڪوئي پَسي.
رات جي جادوگري نيڻ ويئي کسي،
ڏينهن چالاڪ هو ماري چڏيئين.



جويِنُ پَلن اڏامَ.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
سرڪش گهوڙو وقت جو، روڪيو ڪنهن نه لغام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
سج اجا مس اڀريو، مٿان آئي شام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
ڪيسين بسيرو ان تي؟ جيوَنُ ڪچيءَ لام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
رات ستارن سُس پُسون، ڪجي چنڊ غلام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
عبث آريءَ چام ري، سسئيءَ سارا گام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.
ڳِوتا ڳنتا ڪيترا، پاتا منهنجي نام.
هڪ گهڙيءَ ۾ صديون گذريون.

ڪچو ڍِڳي گاڏڙي،
ان تي ننڍڙي ٻارڙي۔
گاڏِيرَ ٻر ۾ وينـي آهي.
سج لهي ويو ٽڪرين پويان،
هڻي شفق ڪي لالڙي،
اڀ پاتي آهي چادري،
گس ۾ پهتي راتڙي،
اوسيئڙي ۾ ڏيئن۔اڪ سان،
جهوپا پائين جهاتڙي،
ڪچو ڍِڳي گاڏڙي،
ان تي ننڍڙي ٻارڙي۔
گاڏِيرَ ٻر ۾ ويني آهي.



ڪا اچاتي جي پڪار۔
روز ٿي مون کي سڏي،
تون وجي مون ڪان پري، ڇا ڪو نہ ايندئين هت ٻيهار!؟
نازبوءَ جيئن مهڪ ڏين ٿي، تو بدن جڻ ڪا بهار.
تون اکيون ڪولين صراحيءَ جيئن، چڙهن ڪيڏا خمار!
جڻ چميون آچي پئي هيءَ جا ستارن جي قطار،
تا چون گهوڙا شفق جا: اچ! آهي رَٿُ تيار.
چاندني تنهنجون چڳون ۾ تون پره جا آنهِہ پار.
ڪا اچاتي جي پڪار۔
روز ٿي مون کي سڏي.

ماءُ ڪي ٻاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
پيار ڪيڏو مامتا ۾!
ساءُ ڪي ٻاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
سنگ ڪي ٿو سنگ سجاڻي،
ٻاءُ ڪي ٻاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
وار هن جا پيا اڏن ۾
واءُ ڪي ٻاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.
آ خدا آيو لهي ڄڻ،
اُهاءُ ڪي ٻاڪر وجهي-
ٻارڙو مُرڪي پيو.



اُپ جا سپ ئي نيڻ-
توکي تڪينِ ٿا پيا.
ڦڻ ڪٽي هٿ ڪيترا،
ڪاريهر جان ويڻ-
توکي تڪينِ ٿا پيا.
ها! هي پنهنجا شهر هن،
دشمن جهڙا سيڻ-
توکي تڪينِ ٿا پيا.
اوسيئڙي ۾ ڳوٺڙو،
ٻائر ٿوڙي ٻيڻ-
توکي تڪينِ ٿا پيا.

نـــازبـــوءَ جـــي مـــهـــڪ اڄ،
ڪيتري مون کي وڻي ٿي!
لال چهرو هيٺ اکڙيون،
هي ڇڏ ڇڏاءُ، تنهنجي لڄ،
ڪيتري مون کي وڻي ٿي!
جيتري مون ۾ ڪُلين ٿي،
اوتري مون کان ئي ڪڄ،
ڪيتري مون کي وڻي ٿي!
پيار ۾ پاٽان نڪارين،
تنهنجي دلڙي جڻ ته ڇڄ،
ڪيتري مون کي وڻي ٿي!



لاڙُ لَهرون، سمنڊُ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪيتي بندر راتڙي،
يادون زلفن، چنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪيڏي آهي چنڊ لئه،
هر هڪ وِير اکنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
هئه هئه ڪونج اڏارَ ڏس!
پاٽيءَ، پاڇو منڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
پيالو آڇ بہ شفق جو،
ساقي! ڇڏ گهمنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
ڪنهن جي پاڪر ۾ ستين؟
او اونداها ڪنڊ!
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
قتل، غلامي، شڪستون،
تاريخ گُهري ڏنڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.
اَڙِي هڻ تون وقت کي،
ساريون صديون ونڊ،
سانجهيءَ سپنا سرمئي.

اجا مغروري-
وئي آهہ نہ ماڻهوءَ مان.
اجا دولت پاڻ لئہ، ٿو سمجهي ضروري.
زندگي پَٽ کوهہ ۾، ٿي وڃي ٿي پوري.
حُسنَ عشقَ وچ ۾، آهي اڃ بہ دوري.
اجا مغروري-
وئي آهہ نہ ماڻهوءَ مان.



ڪيسيتائين تون-
دور ڳڌاريندِينءَ!؟
اتر وڏ وڃهي، راتيون سياري جون.
توڏي تاڻي من، تنهنجون ئي يادون!
توکان پري گهڙيون، آيون ٿي ڪاتيون.
توکي تانگهہ نہ آ، توکان وسرياسون!؟
ڪيسيتائين تون-
دور ڳڌاريندِينءَ!؟

ايڏي جهٽ پٽ!
ويئي سارَ وِسارَ ٿي!
ڪنهن چَپيئي او چري!
سيڻ سونَ تي مَٽ.
ايڏي جهٽ پٽ.
ويئي سار وسار ٿي!
پيار نديءَ جيئن هو پر،
هاڻ اڏامي لٽ.
ايڏي جهٽ پٽ.
ويئي سار وسار ٿي!
سوچي توتي سانوري!
روح ۾ اُٿي سٽ.
ايڏي جهٽ پٽ.
ويئي سار وسار ٿي!
اڄ ٻه ڪا جا انگ اڙي،
پيا ڇُڙي ڇُتا ڦٽ.
ايڏي جهٽ پٽ.
ويئي سار وسار ٿي!



رات اڀ تي چنڊَ، ڏس!
ڪيترا واڪا ڪيا ها.
جيئن داڻا پيسيا پي،
ڪرب وچان پي جنڊَ، ڏس!
ڪيترا واڪا ڪيا ها.
هو بمن جون بارشون ٿيون،
رات ننڍي ڪنڊَ، ڏس!
ڪيترا واڪا ڪيا ها.
عشق ڦيرايون اکيون جيئن،
حسن جي هن منڊ، ڏس!
ڪيترا واڪا ڪيا ها.
بيوفا ٿيا جو ستارا،
هيڪلي پوءِ چنڊَ، ڏس!
ڪيترا واڪا ڪيا ها.

رات پر تنهنجا خيال۔
روز ايندا ٿا رهن.
ماڪ پياڪن جي مٿان، يا
ٿي وسي ڪوءِ ڪلال۔
رات پر تنهنجا خيال.
چا تہ ڏاڙهونءَ منهن ڦلاريا،
هاءِ جوڀن ۾ جمال۔
رات پر تنهنجا خيال.
ڪيستائين دور رهبو؟
ٿئي ڪڏهن هاڻي وصال۔
رات پر تنهنجا خيال.
شام جي ڇهري مٿان هي
ڪنهن مکيو آهي گلال۔
رات پر تنهنجا خيال،
روز ايندا ٿا رهن.



ترڇي نيڻ نهار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
اکڙيون هيٺ جهڪائي ۾،
مرڪي، چپن ڪنار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
ويهي ماٺهن وچ ۾،
آڱر جي تہ اشار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
توڙي رات ڪٽي هئي،
جوڀن ڪيپ خمار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
ڪيڏا توتي موهيا!
عاشق قول قرار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
هُن پر ڪهڙيون چاندنيون؟
وينگس! ٻئي رخسار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
دور ستارا مرڪيا،
سرتي! تيڙوءَ هار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.
اسان اجرڪون عشق جون،
رڱيون ڏاڍي پيار سان۔
ڳنڍيون ڪول نہ ڳالهہ جون.

# ٽيٽو

ڪيٽي بندر تي
ڪونجون اچي لٿيون
ڪالهہ سَمندر تي.

❊

شاهبندر ۾
پکين جيئن گيت اُڏن پيا,
منهنجي اندر ۾.

❊

سرنهن کيت ڪڙيا
وري سڱنڊون واءُ ۾
وري گل ٽڙيا.

❊

ٻهراڙي ٻهڪي
کيت لڏن ٿا واءُ ۾
گهٽي گهٽي مهڪي.

❊

ڪري تيل قليل
مهڪ وسائي نينگريءَ
هئي جڻ رابيل!

❊

پاڻيءَ ۾ لهرون
ڪيڏيون سهڻيون ٿيون لڳن
قطارون پکين جون.

❊

هئي تہ اڪيلائي
پوءِ بہ تنهنجي ڳالهڙي،
مون سان گڏ آئي.

❊

اجا تازيون هانوَ ۾
جيڪي ڪيونسين ڳالهڙيون
تنهنجي زلفن ڇانوَ ۾.

❊

اُپري لِڪي تي
اجا ڪائي آرزو
توڏي ڇڪي تي.

❊

تو چيو: وڪيل؟
مون چيو: گهرجي ڪو نہ ٿو.
عشق خود دليل.

❊

ڇئو! منهنجي ٿيندئين!
پونم جهڙا پيار ڏئي
ڪٿ تي تون ڪِڙندئين!

❊

رات جي تاريءَ ۾
تارا لڙڪن ٿا پيا,
ڄڻ انب ٻهاريءَ ۾.

❊

کهڙو جيئان آنءُ!
مون تي رهي ناهي ڪا
هاڻي تنهنجي ڇانءُ.

❊

ڪلانگر, پاڻي, پٿون
ڪيڏي سونهن وسي پئي
ٻهڪن ٽر جون مِٿون.

❊



در تي ڪڙڪو
بنا سبب ويو وڌي
دل جو ڌڙڪو

❊

سالن پڄاڻان
ملياسين تہ ڇانھ پيئڻ لئہ
ڪيائين پئي ماڻا.

❊

سمنڊ ڪنارو سانجهي
لهرون رتوڇاڻ ٿيون
موتيا ٽڪل مانجهي.

❊

مَدّم روشني، ريسٽورنٽ
تنهنجون ڏيميون ڏيميون ڳالهڙيون
دل تي تي ويون اٽمٽ.

❊

صبح ويل، موتيو
جيئين ڪليون پنکڙيون
پئونر اچي وينو.

❊

آڌيءَ رات، اوسيئڙو
توکي ڏسڻ لاءِ چندَ
پاتو دريءَ مان ليئڙو.

❊

شاخ ڪناري ڳوٺڙو
ٽڏي چانڊوڪي پاڻيءَ ۾
مٿان اپري چنڊ ڪڙو.

❊

شاخ ڪناري ڳوٺڙو
شام هِير, پسيل بدن
نينگريءَ پريو گهڙو.

❊

پئي ٽڙي ڪنول جان،
واهہ مان نڪتي نينگري
جِيئن پسيل چولي سان.

❊

شاخ, ڪنارو ٻيڙ،
سامهون سرنهن کيت ۾
اچي لٿا ڪبوتر.

❊

اڪيلائي, عذاب,
ها, پر هاڻي تي ويا
دل جا گهاءَ گلاب.

❊

تو بن آنءُ اداس,
دک لڳي تي هر دِشا
هاڻي کهڙي آس!؟

❊

جمڻ آهي انت
ساري پيڙا زندگي،
ماٺهو هوئڻ اننت.

❊

گوتم: جوين ونت
سروم دکم دکم،
جمڻ ڪارڻ انت.

❊

جوڙا رستن تي
اج بہ ساريون ٽا پيا
ڄامشوري کي.

❊

آرٽس فيڪلٽي
ڏاهپ، علم، سونهن- گهر
سنڌ يونيورسٽي.

❊

ڪيڏي آ هبڪار!
گلابن جي ڪيت ۾
بينل ڪائي نارِ.

❊

مارُن سَرهايون
آيا سانوڻ مينهڙا
ڀريون ترايون.

❊

جوين ڦاٽي ٿو
اکيون کٽي ڪيپ مان
آرسَ ڀڄي ٿو!

❊

مرڪي ڏسين ٿي
ڪٽي اکيون چاهہ مان
دلڙي کسين ٿي.

❊

آرسَ ڀڄي ٿو!
اپريا ارهہ سَٽ سان
اڀڙي پيو چولو.

❊

ببو ڏٺي ٿي
ممتا آٽي منهن تي
سَرهي ٿئي ٿي.

❊

ٻار روئي ٿو
اچي ماءُ هنج ۾
شانت ٿئي ٿو.

❊

ڀهاڙن ۾ گونج
اڪيلِي آڪاش ۾
رات اڏاٽي ڪونج.

❊

ڀڳو ٽوڙو
ڏِڍ هيو سنڌ جو
سن جو پوڙهو.

❊

جي-ايم-سيد!
صديون ٽوٽي مَرڪندي
هيءَ جا پنهنجي سنڌ.

❊

تو جو ڏنو ساهہ!
پختو ٿي ويو سچ ۾
ماڻهوءَ جو ويساهہ.

❊

تبديلي ايندي،
اچي ساريءَ سنڌ کي
سرهائي ڏيندي.

❊



مون ۾ رهندين تون!
خوشين جي هر ڪنڊ ۾
سدا جيئندين تون!

❊

ميندي هٿن تي
سوچي رات سهاڳ جي
ڪُنوار لڄ اچي.

❊

هن جو پيير ڪنيا
انب لڏن جٿن واءَ ۾
ايٿن ارهہ لڏيا.

❊

سارين جي خوشبو
اچي پيئي زمين مان
هارين جي خوشبو.

❊

چوڏس ڏٺائين
ويهي پوءِ نياڻ تي
ڪپڙا لاٿائين.

❊

اکڙيون ٻوٽيائين
وجهي پاٽي ٻت تي
ڇاتيون مليائين.

❊

آجو نہ ڪوئي فرد
پاتارن پولار ۾
رڳو درد ئي درد.

❊

جيون دک آهي
ها، پر پوءِ بہ ان ۾
ڪوئي سک آهي.

❊

تيسين ماڻين ٿو
دک سک هن جهان جا،
جيسين ڄاڻين ٿو.

❊

سڀ ڪجهہ فاني آ،
پوءِ بہ ماڻهو روح ۾
ڪجهہ لافاني آ.

❊

ڪجهہ بہ تہ ناهي
جِيوَنُ ڪچي ڏور آ
ڪو بہ نہ ساڃاهي

❊

اڳتي ڇاهي!؟
سارا سانگ حياتيءَ سان
موت تہ ڪجهہ ناهي.

❊

وڇوڙي جي ويلَ
ڪڏهن ايذائي ٿا وڇن
ماڻهو جي رابيلَ.

❊

گهنڊ مندر ۾
درد اڃا ٿو جاڳي ٿو
هيڪلي اندر ۾.

❊

شام، سنڌوءَ گهنڊ
جيءُ نہ آهي قرار ۾
دردَ نہ آهي ننڊ.
❊
شام، مال، ٽِليون
ڪٽي چروُڙيون هٿ ۾
پاڳياٽيون ڪِليون.
❊
شام، ٽليون، مال،
سانجهي لٽي آ ڳوٺ تي،
ٻارن جي سنڀال.
❊
ٽٽل چوڙيءَ ٽڪرو
ڪير ڇڏي وئي خوشبو
ڳالهائي نہ شيشو.
❊
هلچل آ جر ۾،
ڪيرَ ڇڏي وئي خوشبو
وهنجِي ڪينجهر ۾؟!
❊
هر ڪنهن کي سڏي ٿو
الصلواتُ خير مِن النوم
آواز فجر جو.
❊
هر ڪنهن سڏي ٿو
سنجها ٽاٽي سوز مان
گهنڊ مندر جو.
❊

هڪ دل، هڪُ آئون
ڪُتي ڪُتن ڪو نہ ٿيون
جيئري تمنائون.
❊
چا لئہ لوڙيون ٿا؟
ڊاهي هن سماج کي
نئون نہ جوڙيون ٿا.
❊
نُوريون مهاڻيون
اڄ بہ ڪينجهر جر ۾
ڪيئي ڪهاڻيون.
❊
تون بہ تہ آهين ڪو نہ،
پرين منهنجي پيڙ جو
ڪنهنکي ڪو بہ پتو نہ.
❊
دلڙي ٿي آتي
زلف اڏامن واءَ ۾
فضا مڌ ماتي.
❊
وهنجي ويون جر ۾
ڪنهنجي ڪنهنجي خوشبو
آهي ڪينجهر ۾.
❊
ڀڳو توڙو
چا چا سپنا سنڌ لئہ
ڇڏي ويو پوڙهو.
❊



اوچو آ آڪاس
ان کان بہ مٿي ٿو وڃي
ماڻهوءَ جو وشواس.
❊
پٽر ٿي ويا آهيون،
ماٽي تنهنجي درد کي
جڻ تہ مري ويا آهيون.
❊
پٿر ٿي ويا آهيون
ڪهڙو لوڪَ لڪاءُ ڏيون
ڳوڙها پِي ويا آهيون.
❊
سرءُ جي موسم
ڏاڍي شام اداس آ
سروم دڪم دڪم.
❊
ڪڏهن ايندينءَ تون!؟
ايندا ڏينهن وصال جا
ٽڙنديون اميدون.
❊
تارا چمڪن ٿا
چاندوڪيءَ ۾ گلن جا
ٻارا چمڪن ٿا.
❊
تارا چمڪن ٿا
اوبري مسافر لئہ
چارا چمڪن ٿا.
❊

گهايو زميندار،
هارياڻي جي گهُور سان،
هاڻ نوان آزار.
❊
شراب جيئن ڪڙيون
پوءِ بہ تن ۾ خمار آ
وچوڙي جون گهڙيون.
❊
منهنجي دل ۾ تون
ٽڙينءَ ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چاهہ ڏئي مهڪون.
❊
چنڊ اڪيلو
تري پيو آڪاش ۾
جڻ تہ ٻتيلو.
❊
اپ آ سمنڊ جان
چنڊ جي ٻيڙيءَ تي چڙهي
مان ٻِئي پار وڃان.
❊
ٻهہ ٻهہ يار ٻري،
ڪائي تشبيهہ ڪا نہ آ
جيڪا پيٽ ڪري.
❊
اڪڙيون ڪنول جان
لڙڪ پنبڻين ۾ رکيل
ڏسن ڏک منجهان.
❊

رڻ جهڙي هيءَ رات،
ڪيئن چئجي ڪڏهن ايندي
وصل جي پرڀات.

*

هنجون هارين ٿو
ڪير ويا ٿئي ويسلا!
ڪنهن کي سارين ٿو.

*

سونهن جهپي ٿو
ٻيڙيءَ ۾ پيي روح کي
پيار ڪپي ٿو.

*

ڏسي ڪلي ٿي
چوري ڏاڍي ڪيچلي؛
پر نہ ملي ٿي.

*

سدائين وهي ٿو
هي حسن جو آبشار
ڪيڏانهن ڪهي ٿو.

*

هڪ دوست هئين تون
سوڀئي پار هليو ويو آهين؛
هاڻي هي اڪيلايون.

*

ماڪ گلڙن تي
ايئن وسن ٽيون چميون
ڳاڙهن ڳلڙن تي.

*

نيٺ تہ بدلجندو
ماڻهو هاڻ تاريخ کان
ڪجهہ نہ ڪجهہ سکندو.

*

ساڳيا تجربا
آهن اڄ بہ جهان ۾
جنگيون ۽ واڪا.

*

ساري امرتا
ماڻهوءَ لوڙهي آ چڙي
پنهنجي۔ نمرتا.

*

پاڻ پُسائي ٿي
برڪا رت ۾ بانوري
باهہ لڳائي ٿي.

*

ڪونجون ٽيون گرڪن
سانجهيءَ جي آڪاس تي
تارا ٿا جَرڪن.

*

او وڇوڙيل يارا!
ڪونجون ڪرڪن اپ تي
آئي تنهنجي سار.

*

ڪنهن کي ڳولي ٿو؟
نڪري سَر جي اوٽ مان
تتر ٻولي ٿو.

*



سهڻي چِتر ڪي
ڏاهين تون بندوق سان
متان تتر ڪي.

*

چِتون لڏن ٿا
ويهي وڻ جي لام تي؛
انب ٽُڪن ٿا.

*

ڪوئي ڪوئي خال
ڪڏهن ٻرجي ڪو نہ ٿو
گذرئي صديون سال.

*

گوڙ ٻڌي ٿي،
جهرڪين جا چِت ۾ ڪيل
ڏر پوري ٿي.

*

سچ لٿو خوف
گهر ۾ بند ٿيا ٻارڙا
جاڳي ڪلاشنڪوف.

*

مينهن ڏُهي ٿي
جڻ تہ پنهنجو مال سان
پيار ڇهي ٿي.

*

پنهنجي سرتيءَ کي
ڪيڏو چاهيون ٿا
پنهنجي ڌرتيءَ کي.

*

صبح ٿو جرڪي
سياري جي اس ۾
ٻارُ پيو مرڪي.

*

مهڪي مگرال
خوشبو سان ويا واسجي
ٻني ۽ ٻڪرال.

*

پڪا ڪاٿو نبا
هارياڻيءَ ٻوڙي هيٺ
پٽيا ڪجهہ ڇڳا.

*

سئونفن جي ڪيت مان
جڻ تہ خوشبو پئي اچي
پٽائيءَ جي بيت مان.

*

سرنهن جي قولار
جيئن ڪي بيت پٽائيءَ جا
گلڙن جي قطار.

*

قِل قِل پاڻيءَ جي
ڇڪي آئي اُٿ کي
لغار لاڻِي جِي.

*

گهوڙو وڇي پيو
لس ٿي لس خمار ۾؛
جوڙو وڇي پيو.

*

سرهيل واسي ٿو
واهوندي ۾ ڳوڻڙو
سُرهو ياسي ٿو.
❋
ٻير ٽا ڏوڙين
۽ پوءِ پٽ تان ٻارڙا
جهولي ٽا پرين.
❋
لڪي لڪي پهتي
وڻ جي هينان چوڪري
جمون ميڙي ٿي.
❋
ڳچيءَ تي گلڙا
چاتيون گل گلزار ٿيون
پرت رنگ رچيا.
❋
ڦُٽي جيئن سحر
سجايو هُن چوٽلو
ٽڙيا گل مهر.
❋
جهرڪين جي چُون چُون
مٽان گوڙ ٻارن جو،
پوڙهي کي جُهجهڪيون.
❋
اڱڻ ۾ مايون،
نم جي ڇانو ٻيهري
رليءَ تي ڳالهيون.
❋

رلڪو سبي ٿي
ايندو ڪڏهن ٻارڙو؟
ڏينهن ڳڻي ٿي.
❋
ٻير ۾ پلڙا،
ڏنار جهڪائي ٽارڙي
ٻڪي پڳا چيلڙا.
❋
رلڪو ٽاڪي ٿي
جڻ ته مستقبل ۾
اڳتي جهاڪي ٿي.
❋
سَرهي ٽئي ٿي
سور وساري وياءُ جا
بالڪ چمي ٿي.
❋
ڪنپ ڦهلائي ٿي
ڏسي ڪڪڙِ باز کي
چوزا لڪائي ٿي.
❋
ٻيهريءَ جي ويل
نڪتا پکي مارڻ لئه
نينگر ڪٽي گليل.
❋
اپ چنري بدلائي
جاڳيا جادو شفق جا،
سانجهيءِ اِجها آئي.
❋



سانجهه لٿي آهي
نيرِي چادر ڪلهن تي
اپ وڏي آهي.
❋
سُتي اڱڻ تي
بيهي چنڊ مٿان
ڏسي ٿو ان کي.
❋
ڊيل نه آئي ڪور
ڪيڏو رات ٺهوڪيو
ڪارونجهر تي مور.
❋
سدائين ڦُڙ ڦُڙ
ڪنهن لئه اکين ۾ ٿي رهي،
اڄ به ڇانيو جهڙ.
❋
وٽيا ٻارن کي
پوپٽ چيڏي آ ويو
رنگ هٿن تي.
❋
ڪڪر ٻوڙن ٽا
آزاديءَ سان آڪاس ۾
چِٽُر جوڙن ٽا.
❋
ڪيستائين تون
رهندين مون کان دور؟
ڳڏجي چو نه جِيُون!
❋

مومل ماڙيءَ تي
روئندي، راٺي جِي
وينٽي راهه ڏسي.
❋
سومل تي پڇي:
"ڇا آهي ميندڙو؟"
مومل تي لڇي.
❋
ڪير ڪير وٺولڙي
ٻار نڪتا آهن ڪيڏڻ لئه،
برسات جيئن بيٺي.
❋
برسات جيئن بيٺي
چوڏس ويئي پکڙجي
خوشبو مٽيءَ جي.
❋
ماني ڪٽي گهران
مڙس لاءِ ٻنيءَ تي
آئي چاهه منجهان.
❋
اجا اڃن ٿيون
سڳنڌون سرير جون
مون ۾ نچن ٿيون.
❋
ڪيڏانهن ڳهي ٿي؟
توڙي پري آهه ته به
مون ۾ رهي ٿي.
❋

ماڻهوا متيءَ جي
تنهنجي پور پور مان
سڳنڌ اچي ٿي.

❊

جيئن ئي ستي هوءَ
سارو بسترو ٿي ويو
خوشبو ئي خوشبوءِ.

❊

سدائين سارين!
هوءَ جا تنهنجي جوئڙي
متان وسارين!

❊

ڏاڍا ڪشالا
جيونُ وٺ وٺان رڳو،
وقت ڇڻ ڀالا.

❊

لهرون اٿيون جر مان
آڙيون لٿيون ڍنڍ تي
ڦيرو ڏيئي متان.

❊

آڪاش وٽي ٿو
پکين وڳر واءَ ۾
ڪنيڙا هٽي ٿو.

❊

ڪُڪڙ لڳي ٿو
زندگي داڻن جيئن،
وقت چڳي ٿو.

❊

روشنيون ترن ٿيون
عڪس وجهي پاڻيءَ تي
ٻتيون ٻرن ٿيون.

❊

چارا سڏين ٿا
مون کي تنهنجي روح جيئن
تارا سڏين ٿا.

❊

آڪاش ٻري ٿو
ستارن سان سونهن ۾
جادو ٻري ٿو.

❊

آڪاش ٻري ٿو
ڪيڏي سهڻي ڪائنات!
روح ٺري ٿو.

❊

آڪاش ٻري ٿو
ستارن جي سمنڊ ۾
چنڊ تري ٿو.

❊

آڪاش ٻري ٿو
ڪير ڏارا جي پوپان چنڊ
ننڊڙي ڪري ٿو.

❊

اڀ نہ گهمن ٿا
ٽاڻي چادر رات جي
ماڻهو سمهن ٿا!

❊



آهن سڀ آمُل،
ڪهڪشان جي باغ ۾
تارو تارو گل.

❊

تارا ڪڙن ٿا
ڪهڪشان جي باغ ۾
گلڙا ٽڙن ٿا.

❊

ڪيئي چارا هن
ڪهڪشان جي باغ ۾
لکين ٻارا هن.

❊

سڀ ڪجهه هوءِ متي،
وري ويئي من تي
توکانپوءِ متي.

❊

آدرش پچن ٿا
مٽئي متان ماڻهوئڙا
موهجي وڃن ٿا.

❊

پهاڙ متان چنڊ
چاندي جيئن آبشار
گرجيو من ـ سمنڊ.

❊

پهاڙ متان چنڊ
اپري آيو جيءَ تي
ڪوئي نڪورو منڊ.

❊

سياري جي ٻپهري
اجهو شام متان لٿي
هر شئي سونهري.

❊

پئونر اچي وينو
بدن جي تاريءَ تي
عشق نچي وينو.

❊

ڪيئي تمنائون
آهن پنهنجي جيءَ ۾
سوين ڪهڪشائون.

❊

ٿڪي پيا آهيون
توکان پري رهي پرين!
مري ويا آهيون.

❊

آرزوئن جي اڏار
روز ٿي تو تائين پهچي
دل عجب آ شهسوار.

❊

سمورا مانجهي
وريا آهن گهاٽ ڏانهن
لٿي آ سانجهي.

❊

ايڏا رساما!
توبن جيون پڙ ڪٽيل؛
آءُ! تہ اڏامان،

❊

ويهي تڙڪي تي
سياري جي صبح ۾
بدن ٿي سيڪي.
❊

ٻتيون ٻرن ٿيون
شاهراهه تي قطار ۾
گاڏيون وجن پيون.
❊

در تي وڳي گهنٽي
ٻڏي سگهيو ڪينڪي
ڏنئين پئي ٿي وي.
❊

منهن موڙي وئين
دل ۾ تير جدائيءَ جا
تون ڪوڙي وئين.
❊

وڏي شهر ۾
ماٺهو آهي هيڪلو
هر هڪ پهر ۾.
❊

ماءُ مَرڪي ٿي
لال گلاب وانگيان
ڪنوار جرڪي ٿي.
❊

اڪڙيون ملن ٿيون
پيار ڦُٽڻ ڪانپوءِ ئي
دلڙيون کِلن ٿيون.
❊

چنڊ چمڪي ٿو
پر هو بند فليٽ مان
ڪو نه ڏسي ٿو.
❊

سڀ ڪجهه مصنوعي
جيڏو وڏو شهر آ
ايڏي آ دوئي.
❊

چمڪن ٿا چارا
سياري جو آڪاش
ڪيڏو اجرو آ.
❊

ڪئي آ ورڪا
ڦلواڙي جي مٿان
اچي اڄ برڪا.
❊

شبنم گلن کي
چميون ڏنيون پيار مان
جڻ ته ٻِلن تي.
❊

ضد ڪري ٿي
ماءُ اڳيان نينگري
شئي لئه رڙي ٿي.
❊

رڳو رت ولوڙ
شهر پالها پيار کان
ٻچيو وچي گوڙ.
❊



ڪتو پؤنڪي ٿو.
ڪونهي ڪوئي راهرو،
رستو سمهي پيو.
❊

ننڊ ۾ مرڪي ٿي
جڻ ته ڪوئي سهڻو
خواب ڏسي ٿي
❊

تنهنجا سپنا
اڄ به ڏسي ٿي سنڌ
موهن ڪلپنا!
❊

سنڌو جو پاڻي
ساري وينو اڄ پيي
ڪيرت ٻاٻاڻي.
❊

مريم طيبي!
فرشتي جهڙي دلڙي
چئه ڪيئن تو سان لڳي.
❊

اوءِ تراڪي!
وَسايئي دل جي ديس کي
هئه هي عاشقي!
❊

سپاهملاڻي جيئي
سيد، سنڌ جي دل ۾
تون هڪ ئي وقت پيئي.
❊

امڙ ايلسا
اڄ به تنهنجي پيار جا
آهن هت قصا.
❊

آيو آهين تون
ايڏو پنڌ ڪري پرين!
جاڳيون اميدون.
❊

تو ڏي تاڻي دل
روز ملڻ جا سوين
سپنا آڻي دل.
❊

پورهيو ڪري ٿو
پوءِ به ٻچڙو پورهيت جو
بکن مري ٿو.
❊

مون تي ڪر نه چٽر،
آئون وڻ ميوائتو
تڏهن لڳن پٿر.
❊

هوريان ٿي گهمي
ندي جي بدن کي
هوا ٿي چمي.
❊

ڪائي ڪائي نديءَ
آهي سندس ديس کي
جڻ ڪو هار ڳچيءَ.
❊

سنڌو نديءَ
ڇڻ تہ سنڌو ديش کي
آهي هار ڳچيءَ.

❊

پنهنجي ڌرتيءَ کي
ڪوئي ڪوئي پهاڙ
جهومر پيشانيءَ تي.

❊

سنڌ ڌرتيءَ کي
آهي پنهنجو کيرٿر
جهومر پيشانيءَ تي.

❊

ڪنن ۾ جهومڪيون
اڇل ڪائي ڳلن کي
ڏين پيون چميون.

❊

درد دکائي وئي
اچي رات هيڪلي
دل ڏکائي وئي.

❊

ٽيڙو ويا ٽاٽي
هاءِ پرين! هيءَ دلڙي
توڙي ئي ٽاٽي.

❊

ننڊ نہ اکين ۾
پرين پنهنجي پيار جون
ڳالهيون سکين ۾.

❊

آرسَ ڀڳي تو
ننڊ ڦٽي آڪاس جي
پاتو چنڊ ليو.

❊

شال ڳلي لائين
اڳتي وڌي پيار لئہ
تون وار وڇائين.

❊

ڇاهي لڙڪن ۾!؟
بيهي ڪئين صديون ويون
تنهنجي اکڙين ۾.

❊

من جي پينگهي ۾
آءٌ! تہ توکي لوڏيان
دل جي ڇينگهي ۾.

❊

ڇو پاڻ رلائينءَ!؟
کهڙي ڪارڻ ور ڪان
ڪاوڙ جي آئينءَ.

❊

کهڙي ڪجي پيٽ
توکي ڇاتيءَ تي پيو
چميون ڏي لاڪيٽ.

❊

پرهہ ڦٽي ويئي
ڪڪڙن دس هنيا
اک کلي ويئي.

❊



لهر لهر کي
آهي پنهنجو رنگ
ڏهر ڏهر کي.

❊

ڪيئہ اشارا
ٻَري پيا دل ۾
سوين ستارا.

❊

توکي ساريو سي
مڌ جيان آهين تون
کيپ اکين تي.

❊

تنهنجو نانءُ
جيئن ئي ورتم سپرين!
هلڪو ٿيو هانءُ.

❊

نارائڻ شيام!
آهي تنهنجي شاعري
پرهہ جو پيغام.

❊

متان ورهائينءَ
هر ڪنهن سان هيءَ راتڙيون؛
وفا لڄائينءَ!

❊

رنگ اٿن گيڙو
آهن ڪونج اڏار جيئن
پنهنجا هي ٽيڙو.

❊

توکي چميو چمان
چڪي آئينءَ هنج ۾
مون کي پيار وڇان.

❊

پئونرن پيو پتو
مهڪ اڏاٽي واءَ ۾
بدن تو ڌوتو.

❊

اکيون ٽيون چار
ڏنئي عجب گهور سان
انڪار هيو يا اقرار!؟

❊

لڙڪ ڪري پيو
آئي تنهنجي سار
پيج پنيءَ جو.

❊

برکا رت ۾ واڙي
ائين لڳي من موهڻي
عورت جيئن لاڙي.

❊

ڪڏهن ايندينءَ تون؟
اچي باک بسنتيءَ جا
گل چٽيندينءَ تون.

❊

سمهي پئينءَ تون
مون ساري رات چنڊ سان
ڪيون رهاڻيون.

❊❊❊

# نظم




www.sindhsalamat.com

## ساڏوري تي سج لهي ٿو

ساڏوري تي سج لهي ٿو
ٽڪرين تي هو ٻڪريون ڊوڙي
گهر ڏي واپس موٽيون آهن
اڄ ٻه پراڻا چارا ساڳا
ماروئڙن تي مارا ساڳا
اونداهي جي چادر اوڙهي
جهوپن جي دل ڌڪ ڌڪ ڌڙڪي
ڇڪ ڇڪ ڇڪ ريل وڃي ٿي
ٻار ڏسن ٿا ڪانه بيهي ٿي
هيءَ ته ڪراچي جاڳي آهي!
صديون گذريون اونداهي ۾
هن جي قسمت ساڳي آهي!
وينگس ڇَپ تي ڇُپ ڇهڻائي
پيار سوا ٿي سياري ٽڙڪي
پوڙها پَن جي ٻيڙي وانگي
ساڙيءَ ويا اڇلايا آهن
ءِ هي ويهين ٽيهين واري
سا ٻه جواني ڪا نه لڳي ٿي
سارا ڏينهن ٻُسا ٿا گذرن
اڀ ڪشادي چادر وانگر
تِن جي اوگهڙ ڪو نه ڍڪي ٿو
وقت موالي پيءَ جئن آهي
بک ۾ پنهنجا ٻار ڇڏي هو
ابدي اوتاري ڏي ڪاهي،
ٽڪريون ساڳي خالي دل سان
ماڻهو تن تي مونجهي من سان


www.sindhsalamat.com

گهاٽي ۾ جڻ روز ڳهن ٿا
قطرو قطرو ڏک پيئن ٿا
ڦُريل هر سَرهائي آهي
ڪا ٻه نواڻ نه آئي آهي
درد رڳو ڏينهن رات رهي ٿو
ساڏوري تي سج لهي ٿو.

❊

## خواب

رات ڏُور ڏُور ڪان،
خواب سڀ اُڏي اچي،
منهنجي من تي ڇانئيا،
يار جي خيال سان،
پيار پاڪرين پري،
لڱ لڱ رانئيا!

❊


www.sindhsalamat.com

## دوستي موسان نہ رک

ماڪ جي ڪنهن پيي ڦڙي
توڪي اجا ناهي ڇهيو
ڪو ٻہ ڀئونرو مست ٿي
توتي اجا ناهي ڀريو
واس تنهنجو بند آهي
پنکڙين جي قيد ۾
تون ٿي لڳين
ڄڻ تہ ڪا ڪومل ڪلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر!
دوستي مون سان نہ رک!
تون انوکي مڌ آهين
ڪنهن شرابي جي جواني
۾ وهين ٿي
ڪيپ ۾ جيڪا ٽڙي ٿي
سا خماريل سڌ آهين
وڌ ڪان پيي وڌ آهين
ڪاڪ جي ڪنوارين ڪڪوريل
ڪن اکين جي خواب وانگر
ٿي لڳين ڏاڍي ڀلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.
آنءُ پنهنجي هن اپاڳي ديس جو
دربدر ڪو فرد هان
درد ئي بس درد هان



قيد خاني جون ڪڙيون ۽
دار جي ڪا دلبري
مون کي چِڪي ٿي
۽ پهاڙي پٿرن جي اوٽ هر ڪا
راهہ ٿي منهنجي تڪي
مون لئہ سڪي ٿي
ٿي پرانهين ڪان سڏي
هو ريت جا منهنجي رلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.
راتيون جاڳڻ
لڙڪ ڳاڙڻ
درد پالڻ ڏي چڏي
۽ وڇوڙي کي ڏئي ليڪون سکي!
تون وصل جي واٽ وٺ
سادڙي ۽ سودڙي ڪنهن ڇوڪري
جي جواني مان ڦٽندڙ
نئين پرهہ جي واٽ وٺ
مون سان نڀائڻ آ ڏکيو
جوڀن جلائڻ آ ڏکيو
مرڪ تي جيڪا ڪُٽي
ٿي زندگي جي سا ڳلي
او من چلي، او چنچلي، او ڪيچلي!
عشق تون مون سان نہ ڪر
دوستي مون سان نہ رک.

## تنهنجو گُل

زماني جي ستمگيري دوران،
ماڻهن جي هٿن ۾ پٿر هيا،
۽ سامهون جسم منهنجو هيو
پٿرن رڳو جسم کي چلي ڇڏيو،
روح تائين ڪا بہ رهنڊ نہ پهتي؛
سنگباري جي قطار جي
آخري ڇيڙي ۾ تون هئين!
خوشي ٿي تہ
ان ميڙي ۾ تون هئين!
۽ تنهنجي هٿ ۾ ڪو بہ پٿر نہ هو،
جي هو تہ ڪوئي گل هو
ڏسندي ئي ڏسندي،
تو اکين ۾ وحشت پري،
ڪاوڙ وچان گل اڇلائي هنيو،
گل منهنجي سيني تي لڳو،
۽ گهاءُ گهاءُ جسم جو،
درد وسري ويو،
ڇو تہ تنهنجي گل،
روح کي رتورت ڪري ڇڏيو هو.



## ڇيڳري ڇوڪري

پيار جسمن جي خيرات ناهي
او ڇيڳري ڇوڪري!
عشق کي روح جي،
اوچائين تائين ڪٽي وڃ
نہ تہ ڏاڍا ڏک پرائيندِين ءَ.
هيءَ دنيا
ڏاڍي لالچي دنيا آهي،
تَن جو چشمو ڏاڍو مٺو آهي
هر ماڻهو
ان تي گوڏن ڀر جهڪي ٿو.
پر جونئو ڪوئي ڪوئي ٿو پيئي.
من جي ميراڻ ڪوئي نہ ٿو ڏسي
پر جڏهن تن جي چشمي ۾
ميراڻ لهي ٿي اچي
تڏهن ماڻهو منهن مَٽيو وڃن.
ان ڪري
من بہ سنڀال
پر تن بہ سنڀال
وقت کان اڳيئي
پوڙهي ٿي وئين ءَ
تہ ڏاڍا ڏک پرائيندين ءَ
او ڇيڳري ڇوڪري!
پيار جسمن جي خيرات ناهي.

## روءُ نہ دلڙي

سارا سانگ سجايا آهن، روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!
پاتا پيي تہ وڃايا آهن، روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!
جي ڪير ڇڏي ويو راهن ۾، جي مونجهہ لٿي ڪا ساهن ۾،
تون ڳاءِ انهي ڪي ڳاهن ۾، ۽ پنهنجي پيار پناهن ۾،
ڳول، اُهي ئي سايا آهن، روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!
تو ورتي راهہ اڃاتي جي ۽ پٽڪئين پئي هر سانجهہ سمي،
شفق پکيڙي سرخي توتي جڏهن ڪائي ميندي ءَ تارِ نمي،
تو ڇا ڇا رتبا پايا آهن، روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!
اڄ ڪهڙي آئي وير چڙهي، جو ٽُنهنجا پيا هيءَ نيڻ پڃي،
تون ڪنهن کي سارين پيئي ٿي، ويو اهڙو آهي ڪير ڇڄي!؟
هيءَ يار بہ ڪائي مايا آهن، روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!
اُپ تي ڪيئي ڪايا آهن،
جن ۾ نيڻ سمايا آهن،
جڳ مان ڪي بہ نہ ڏايا آهن،
”پاتا پيي تہ وڃايا“ آهن۔ روءُ نہ دلڙي، روءُ نہ دلڙي!



## ڪجھ تہ اڳتي وڌو.

اجنبي ڪير آ؟
ٿو سڏي دور تان۔
ڪجھ تہ ويجها اچو
جيءُ منهنجي نچو
ٽا ٻڙو ۽ ٽڙو
جي ڪِرو ٽا تہ ٻيهر اُٿو
لڙڪڙائي بچو
پيا تہ اڳتي وڌو
زندگي هار ۽ جيت ڪان
اڄ مٿانهين ڪري
ويجهڙي هو پرانهين ڪري
منزلن کي چمو
ڪجھ تہ اڳتي وڌو
هو ستارا ڇهو
آجپي جا اشارا ڇهو
هاءِ آزاد چارا ڇهو
پوئتي پر گهڙيءَ لاءِ موٽو متان
هار ڳاڙها ڪٽي
منتظر ڪائي تقدير آ
آئون بيٺو ڏسان
سوپ جي ڪهڪشان
بس پڄڻ جي رڳو دير آ...
اجنبي ڪير آ
ٿو سڏي دور تان.

## سهاڳ رات

سهاڳ رات آ، سڪيءَ کي ڪجهہ تہ چئو!
اچي نہ ياد، ٿو وڏي ڏڙڪو دل جو.
نيون نيون صفا نيون هيءَ ڪيفيتون،
ٽڙان ٿي يا ڪومائجان، ڪيئن سمجهي ڪوا؟
اتاولي تہ آنءُ پي هان هن لئہ پر،
ڊڄان بہ ٿي جڏهن سمائي ٻانهن ٿو.
ڪڪورجي ويا پرينءَ جا سڀ انگڙا،
رتائجي ويو جڏهن منهنجو هيءَ کهنبو.
رهي نہ پٽ يا ترائيءَ ڪابہ اچي،
مٿان پئي ٿي رات ڇڻ سانوڻ برسيو!
سرور هي عجيب آ روڻءَ روڻءَ ڇانيو،
ڪلي جيان هيو بدن اڄ تہ گل ٿئو.
سهاڳ رات آ، سڪيءَ کي ڪجهہ تہ چئو!



## شام پيالڙو

پرجي شام- پيالڙو،
ڇلڪي پيو آ واٽ تي.
ڳالهہ سلي ويو پيار جي،
هن جي ڳن جو والڙو.
ڳوڙها پي وئي، پوءِ پي
ڳل لڳي ٿو آلڙو.
روز ڏسان ٿو ڪيس مان،
ڪولي جيءَ جو جالڙو.
سينو چيري آ ويو،
وڇوڙي جو پالڙو.
ٽڪجي پيو آ پنڌ ۾،
پيرين ٿيو ٿس ڇالڙو.
پرجي شام-پيالڙو
ڇلڪي پيو آ واٽ تي.

# غزل

لاڙَهو لهرون هيون ۽ سمنڊ هو
رات اُپ ۾ مَدَّماتو چنڊ هو.
ڪير پي ويئي اڪيلي واٽ سان؟
وارَ رخ تي جڻ تہ ويڙهيو جُهنڊ هو.
چنڊ چوڏهينءَ جو مٿان ۽ تون هئينءَ!
پاڪرين منهنجي، تہ ڇا ڇا مَنڊ هو.
لذتون ڏاڍيون مٺيون هون پيار جون،
تو بدن جڻ ڪير هو ۽ ڪنڊ هو!
ٿي وئي سانجهي سُريلو گيت ڪو
دور مندر ۾ وڳو جڻ گهنڊ هو.
رات ساري هئي خدائي رقص ۾،
تو پئي پيتو پيالا ڇا جنڊ هو!؟
شاهبندر! اڄ اداسيون ڇو اٿئي!؟
سنڌ ڪي توتي ڪڏهن ڪو گهمنڊ هو.



نگاهہ تو جڏهن ڪنئي، سڄي انا اُڏي وئي!
اکين سندي درياهہ ۾ اسانجي دل ٻُڏي وئي.
جڏهن بہ پيار جا پکي، انهيءَ مٿان اچي لٿا،
تہ من جي تارڙي سڄي لُڏي لُڏي لُڏي وئي.
نہ گڏ هيا ڪڏهن اهي، نہ ڌار ٿي ٿيا وري،
جي عشق ٿابڙيو تہ پوءِ سونهن پي ڏُڏي وئي.
نہ زندگي رهي، پريت ۾ نہ موت پي مليو
جي ڪنڌ ڏانهن ڪاتڙي وئي تہ پو مُڏي وئي.
ڪڏهن تہ مات ۾ ملي، ڪڏهن تہ جيت ۾ ملي،
جوا هئي نہ زندگي، تہ پي ايئن ڪڏي وئي.
اروپ جو تہ رنگ هو اماس رات وانگيان،
ڪڏهن ڪٿي گُڏو ڳُنو ڪڏهن ڪٿي گُڏي وئي.

اکين کي، ٻِلن کي، چپن کي چمي ٿي،
هوا هرنديءَ جي بدن کي چمي ٿي.
ڪڏهن چيٽ سان ڪيٽ ۾ پاڪرين،
اڏامي ڪڏهن پربتن کي چمي ٿي.
جڏهن تون وچين ٿي اڪيلو ڪري پو،
اداسي اندر جي ڳپن کي چمي ٿي.
اها دل اسان جي اپاڳي، نپاڳي،
اڌورين سدا حسرتن کي چمي ٿي.
ڪڏهن رات راڻي اڏاري سڳنڌون،
وچي عاشقن جي غمن کي چمي ٿي.
ٿڌيري هوا ۾ مَدَم چاندني پي،
پڌر ۾ پِريَن جي لڱن کي چمي ٿي.



جيئن لٽا هِي انگَ اکين ۾،
اندلٺ جا سپ رنگَ اکين ۾.
رڳ رڳ مان ڪي گيت ٻُري پيا،
توکي جڙ ڪي چنگَ اکين ۾.
گم ٿي وئي دل ٻارن وانگر،
جذبن جا هي جهنگ اکين ۾.
وجدان هيو يا نور هيو!؟
مَلڪُ هئا يا ملنگ اکين ۾!؟
ونءُ ويندي ٻه وچي ڦاٿي دل،
البيلا ها ونگَ اکين ۾.
زهر ته پوئين ويرا آهي،
پهريون پهريون ڏنگ اکين ۾.
سگهندا ڪو نه ٻَڌي ڦٽَ ڪڙيون،
رات ڏٺاسين سنگَ اکين ۾.

ڪائي اداسي ٿي رچي هر شام جي مهڪار ۾،
سروَم ڏُکم سروَم ڏُکم، پيو ٿو ٻُري هر پار ۾.
ايڏو وڏو هي جڳ آ، پو ٻي اڪيلو آدمي!
دل درد ئي بس درد آ، ڪو ڏُکَ آ سنسار ۾.
تڙپي ٻري ٿو آدمي، وک وک مري ٿو آدمي،
اچ! ڪو نئون جوڙيون جهان ۽ دل سمايون پيار ۾.
جنهن جي ڪنارن دوستي، تنهن کي پلا ڪهڙي خبر!؟
ٿو سير ۾ سهڻي گهڙِي، ٿا ٿس ڏنو ميهار ۾!؟
احساس جي ٻولي هئي، خاموش اظهارِي وئي،
سمجهيوَ نہ ٿو؟ ٿاهي پلا ٻيو عشق جي اظهار ۾.
ڪيڏي اجائي ٿي وڃي، ڪيڏي سجائي ٿي وڃي!
هيءَ زندگي ڪنهن نينهن ۾، ڪنهن سونهن ۾، تڪرار ۾.
تو ۾ وڄايون هي اڪيون، ڪيڏيون اجايون هي اڪيون!
جيوَن سُجايون، هي اڪيون بس قيمتي بازار ۾.
ڇڻ ڪا ٿُري هئي زندگي، پو ٿا ٻُري هئي زندگي!؟
مون ۾ ٻُري هئي زندگي، هر موڙ تي هر وار ۾.
هو ٿا ٿون: ”سيني اندر مونکي نہ آ دل، آ پٿر،“
اکيون پنل ناهن، تہ ڇڻ ڪنهن بي نہ هان آزار ۾!
جنهن مهل ٿي مون ڏي اچين، جنهن وقت ٿي مون ۾ نچين!
احساس، جذبا، تازگي، ٿا ٿا نہ دل بيمار ۾!
تون چنڊ جئن چمڪين سدائين عشق جي آڪاش تي،
ٿا عڪس تنهنجي سونهن جا، دل جي پون پاتار ۾.
”مان تون ٿيس تون مان ٿئين، مان تو ۾ تون مون ۾ جيئين!“
ڪو فرق هاڻي ڪو نہ آ انڪار ۾ اقرار ۾.



روح توڙي جسم ٻوڙيا ٿي خدا ڏي،
پاڻ پيرا روز موڙيا ٿي خدا ڏي.
چنڊَ پنهنجي چاهہ جا ٿي روز اپريا،
۽ افق پڻ هٿَ جوڙيا ٿي خدا ڏي.
عشق جي بي انت ساگر ۾ اسان ڪلهہ،
مست ٿي هي نيڻ ٻوڙيا ٿي خدا ڏي.
پيار ۾ دل ايترا سجدا ڏنا ها،
جو عبادت رنگ ڇوڙيا ٿي خدا ڏي.
دوزخون ۽ جنتون هُو سڀ لتاڙي،
ڪالهہ خيما صوفِي ڪوڙيا ٿي خدا ڏي.

جڏهن دلربا ياد آئي،
خوشين جي فضا ياد آئي.
ڏنو درد ڪوئي زماني،
اوهانجي وفا ياد آئي.
ڪنيا جي مٿي نيڻ ڪنهن پي،
پرين جي ادا ياد آئي.
ڏناسين جي ڏاڙهون، ڳلن تي-
هو سرخيءِ حيا ياد آئي.
ڪڏهن پي حسن جي اسان ڪي،
نہ ڪائي سخا ياد آئي.
هٿين پاڻ خالي وياسين،
گهڙي پل قضا ياد آئي.



تون ملي جو هئين هڪ لِڱان سانوري!
ياد ۾ مان اچا دل رڱان سانوري!
ساهہ ۾ سا اچا ٿي تہ محسوس ٿئي،
مهڪ جا پي اٿي تو لڱان سانوري!
نيڻ ڏيئا هيا، روشني هو بدن،
مون ڏياري ڏني تو سنڱان سانوري!
تون پکي جئن اڏامي وَئين، پر اچا،
دل چوي ٿي تہ توسان منڱان سانوري!
هونءَ آوارگي آهہ ورثي ملي،
عشق ۾ پو بہ شاعر چڱا سانوري!
عام مڱڻو نہ هان، سئن سمجهي تہ ڏس!
آنءُ ٻيجل جيان سر منڱان سانوري!

نہ ظالم ڪان جي ڇتجن سي مٿا آهيون،
اڄهل هن ديش ڀڳتي جا جٿا آهيون.
سدائين وقت پيرن ۾ لتاڙيو آ،
ڪري ۾ ڪٽڪ جا ڄڻ ڪي سٿا آهيون.
ڇپن تنهنجن نہ جهونگاريو ڪڏهن جنهن ڪي،
لڙهي ويل ۽ وساريل سا ڪٿا آهيون.
دنياءِ عشق ۾ ڄڻ ڪوڙڪي آهي،
اسين جنهن ۾ پکيءَ وانگي ڦٿا آهيون.
ڇپن تي هي چمين جا وهڪرا سانڍي،
بدن تنهنجي، ندي وانگر لٿا آهيون!



تو اڪيين پاتو ڪجل،
هاڻ ڏي هينئون نہ جهل.
تو ڏنو مرڪي مٿي!
ڄڻ تہ سِرجيا ڪي غزل.
سانوڻي درياهہ جئن،
آهہ جذبن ۾ اٿل.
نفرتون ڀي ٿيون ٿين،
چاهتن جو رد۔عمل.
پاڙ ٿي پختي ٿئي،
پو ڦُٽن پاڻيءَ ڪنول.
تون بہ آهين، پر اداس۔
اڄ الئہ ڇو آهہ دل !؟
موتيا مهڪن نہ ٿا!
يا ٿٿي سپنن جي ول!؟
جئن ڪڍيو يادن جلوس،
دل وئي ٿي مشتعل.
رات جي سواري وئي،
باک رستي پنڌ هل!
ها! ڪراچي روشنيون،
پر انڌيرا ٿس لڪل!
چنڊ جون ڳالهيون نہ ڪر!
آ اها وادي ڏٿل.
اڄ تہ ڌرتي پوڄيون!
زندگي ماڻيون سڦل.
اڄ مياڻن مُنهن کُليا،
ڇا پڪو آ ڪو فصل!؟
ٿو گهمين ڳيرو ڪٿي؟
ٿا سڏين توکي جبل!
ايترا دوڪا! نواز،
پو بہ آهين تون اٿل!
❊❊❊

زنجير ۾ زندان منجهه ڪٿوريون اهڙيون هيون،
ڇڪجي وياسين پاڻ خود هي سوريون اهڙيون هيون!
ها زندگي پياري هئي، پر دار تي منزل ڏني،
مان ڪيئن ٽوڙيان ها وچن؟ مجبوريون اهڙيون هيون.
ڪٿ تون هئين، ڪٿ مان هئس، ڪٿ هو هئو ڪٿ هوءَ هئي،
ڪو تن جليو ڪو من جليو ڪي ڪوريون اهڙيون هيون.
ماٺي سگهياسين ڪين ٻئي، جوڀن سنديون سڀ راحتون،
جذبا ٽٽا، ڪجهه خواهشون اڻپوريون اهڙيون هيون!
هو دور هوندي گڏ هيو احساس جو جڻ سڏ هيو
پر گڏ هيو تہ بہ گڏ نہ هو ڪجهه دوريون اهڙيون هيون.
هر هڪ گهڙي خوشبو هئي گهري ڇڪايل مڌ جي،
اکڙيون پرين جون ڄڻ وليون، انگوريون اهڙيون هيون!
ٿي چانڊني وانگر ڇڪيو ماکي ٻڏل هر هڪ چميءَ،
تنهنجي چپن ۾ چاشني جون چوريون اهڙيون هيون.
تارا هئا سڀ سينڌ ۾، آڪاش جو ڄڻ سير هو
ڪنهن ڪامڻيءَ ڪجهه دير اکڙيون پوريون اهڙيون هيون!
”ڄارا ڪلهي تي ڄام ڪي“، هاڻي نہ عشق ايئن ڪري،
ڪينجهر ملي ها ٿي بها، ڪي نوريون اهڙيون هيون.



ڪنهن کي ڳولين نيڻ هوا جا!
وچڙيا ڇا پاءُ پيڻ هوا جا!؟
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن جون ڳالهيون؟
ڪهڙا آهن سيڻ هوا جا!
سج تاءُ ڏنو گل مرجهايا،
رشتا ڄڻ هي ميڻ هوا جا!
ننڊ لئہ لولي، جاڳ لئہ ٿڦڪي،
ڪير ڏسي پانئيڻ هوا جا!
صديون پنڌ پنو ڇو ناهي؟
ڪٿ آهن آسيڻ هوا جا!؟
سانجهيءَ توڙي باک اچن ٿا،
سلام هوا جا، ويڻ هوا جا.

چنڊ تارن جي خدائيءَ پي سڏيو،
عشق جي ٿڌڙي سهائيءَ پي سڏيو.
پي ٻري چاهت اکين ۾ يا پرين!
ڪهڪشان جي روشنائيءَ پي سڏيو.
مان تہ ٻوڙيس پي وصل جي واٽ تي،
۽ پريان ڪان هن جدائيءَ پي سڏيو.
ٿي ڪِريا ڪنهن جا قدم اوجهڙ اندر،
پو بہ ان کي جڻ سٽائيءَ پي سڏيو!
دربدر هو جو هِتي، اتهاس ۾-
ان کي عظمت ۽ وڏائيءَ پي سڏيو.
هيڪلو مان جيئن ٿيس، ٻانهين ٻَڪِي!
ڪنهن غزل، ڪنهن بيت، وائيءَ پي سڏيو.
روح توڙي تَنُ خدا ڏي ٿي ٻڪيا،
يا تمر کي هو پٿائيءَ پي سڏيو!
ڪيئن ٻوڙان ڪين ها مان سنڌ ڏي،
نينهن ۾ مونکي سنائيءَ پي سڏيو.


www.sindhsalamat.com

تارن ڪيا سجدا، پرين ڳوڙها ٿمايا جي ڪٿي،
پئي چنڊ ات چميون ڏنيون پيرا گهمايا جي ڪٿي.
ايڏي مڱي ناهي چڱي، آڪاش! رهندين پوءِ ڇا!؟
هي سج تارا گود ۾ ڏرتي سمايا جي ڪٿي.
چاهت سندين راهن مٿي انسان ٿو وڌندو رهي،
نفرت! ڪندئين پو ڪيئن تون؟ مون پيار پايا جي ڪٿي.
جن وٽ رڳو ڇٽرون هيون سي ڪيئن ڪندا اغيار اڄ،
سڀ جهنڊ ڪولي يار اڄ انگ پسايا جي ڪٿي.
تو آنهہ منهنجي ٻڪ ۾، پو لڙڪ ڇو تو اک ۾ !؟
سوچي اهو ڇا تون ڏنينءَ، رستا ورهايا جي ڪٿي!
ها آنءُ سانوڻ مينهن جئن تو تي وُٺس ٿي رات ڏينهن،
ڪٿ سو مزو تو چپ هي ٻئي ڪان چمايا جي ڪٿي!؟
اڄ تون بہ آهين ڪا نہ ڪا ۽ ناهہ ساڳي شاعري،
سڀ ويا هوا ۾ لهر ٿي ڪلهہ گيت ڳايا جي ڪٿي.
ڪيڏانهن ويا سي ڏينهڙا، جن ۾ هيا ڪي مينهڙا،
ڳوليون پيا سي نينهڙا، جوڀن وڄايا جي ڪٿي.
ڪوئي هوا ۾ درد آ، هر ڦول دل جو زرد آ،
ٻوٽا سڙيا سڀ ٿهڪ جا، مون ها لڳايا جي ڪٿي.
ڪا تشنگي تڙپي پئي، دل سان وڙهي جهڙپي پئي،
پو ٻي اجا ڏڙڪي پئي، ڏڪ ڏڪ ٿمايا جي ڪٿي!
گلڙا ٽڙيا، خوشبو اٿي، ڇوٽو ڪٿي؟ ڪا سار ٿي،
بيچين دل هٿڙا ڪٽي، در ڪنڪنايا جي ڪٿي.
وجدان ٿو مون تي لهي، مان پي بُلهي جو پاءُ هان،
ايندي خدائي رقص ۾ گهنگرو وڄايا جي ڪٿي.
ويهي پٿائي پٽ تي مون سان ڪچهري ڪالهہ ڪئي،
سيد بہ هو اُت ساٿ ۾، گفتا ٻڌايا جي ڪٿي!
سياست پهاڙن جئن هئي، پو پي اُنهيءَ تي دل مئي،
اڳتي وڏي هن پيرڙن، ڏونگر جهڪايا جي ڪٿي!


www.sindhsalamat.com

آنءُ اڪيلو سياري رات،
تن ۾ آهي تنهنجي تات!
تارن رڦٽي، پاٽيءَ برف،
سج جيان تون وجھ ڪا جھات.
هيڪل جوڀن آ اونداهہ،
جي تون مرڪين ٿئي پرڀات!
آءُ! حياتي ٿئي گلزار،
آءُ! تہ عشق ڪري ڪا لات.
اپ ۾ گهوٽ جيان آ چنڊ،
جنهن سان تارن جي بارات.
جوڀن تي نہ هٽي ٿي دل،
ڪرفيو جهڙا ڪي حالات.
توکي ڪانهي ڪائي سار!
ڳاڙها ڳوڙها منهنجي ذات.
ٻيو سڀ سانگ اجايو آهہ،
آءُ! تہ ماٽيون هيءَ حيات.



دل تہ توسان ٻہ آهي اڄان پيارڙي!
ڪيئن توکي ڇڏي مان وڃان پيارڙي!
ڪونج ڪيٽي مٿان رات ڦيرا ڏنا،
ڪي ٿهوڪا اٿيا دل۔ رُڃان پيارڙي!
بت نہ ڪوئي خدا دل جي ڪعبي ۾ آ،
عشق ڪي ديوتا ٿو مڃان پيارڙي!
جيءُ جڪڙيل سندم ڏِ ڏي آزادگي!
پول ڀوَ جا سمورا ڀڃان پيارڙي!
پيار ڪان پي وڏا فرض ٻيا ڪي ٻہ هن،
سنڌ سان روح ڪي ٿو سَڃان پيارڙي!

”ڪلي نيڻ گهرا گلابي ڪنيائون،“
خماري ويا سڀ خدايون خدائون!
اڏاٽي ڏڪڻ جي هوا مست ٿي اڄ،
گلن جيئن جهومي فضا کي ڏنائون.
پني رات، تارا نشي ۾ ٿڙيا پي،
چڳون چاندني ۾ جو چوڙي چڏيائون.
عجب ناز انداز سان مسڪرائي،
ڪنين کي جياريو ڪنين کي ڪٺائون.
وري نينهن نڪريو وري عشق اڀريو
ڳلين مان پئي رات آيون صدائون.
وري سونهن ماڻا ڪيا اڄ دلين سان،
وري اڄ اڏيءَ تي پڳيون هن وفائون.
وري ڪين ٻوٽيون اڪيون هي اسان جون،
جڏهن کان اهو چنڊ لالڻ لڏائون.
پرين! موتئي جيئن لڱ هي اوهان جا،
ويون واسجي ڏس! سموريون ڏسائون.
وري وار چوڙي وسڻ آئيون هن،
اڄاتيون اڄاتيون اهي ئي گهٽائون.
ستارن پريو اُپ جاڳي پيو هو،
پڌر ۾ جڏهن ڪٿ پنهنجي وڌائون.
دليون هي جي اجڙيون تہ سڀ خير آهي،
رهن شال آباد تنهنجون ادائون!
پرين! سينڌ تُنهنجي سجائي وجون ٿا،
ڪروڙين ستارا، سوين ڪهڪشائون.
وفا جي مسلڪ سلامت رکڻ لئہ،
ڪنهين سج سان ٿي لڏيون رات لائئون.
جڏهن سونهن تي ڪي ڪيا تاءَ نٿهڻ،
اسان جون جلي ويون سموريون دنيائون.
وچوڙو اڃا ڪو نہ ڪٿندو پلا چا؟
پلا ڪيستائين هي رهنديون جفائون!؟



وڏيا جو اڳيان هو لتاڙيئون اسان جون،
سوين آرزوئون، سوين التجائون؛
نہ روڪي سگهياسين ڪڏهن پي انهن کي،
رکيا پير تن جا تہ پاڻهي روڪيائون.
لڳي دل تہ ويا پاڻ ٿوڙي، اڳي ٿي-
نپائڻ جون ڪيڏيون نہ هامون هنيائون!
خساري جي گس تي هليا اهلِ دانش،
ڪڏهن ڪو نہ دل جو چيو ڪو مڃيائون.
سنا ها، برا ها، ڏنو ڪو نہ دلڙي،
ڏنائين سدا دوستن کي دعائون؛
ڪري اڄ تہ ڪنهن جون ڪري اڄ گلائون
وساري چڏيائين جي دوکا ڏنائون.
زمانن تي غالب اچي نيٺ ويون ڏس!
اِنهيءَ عشق جون ڪي انوکيون ڪٿائون.
جسم جي سمنڊ ۾ هٿن تي ڳالهايو
ڪي لهرون چڙهيون ۽ ڪناري چڏيائون.
انگن جي ونگن ۾ جڏهن ڪوئجي ويا،
چمين سان بدن جون پروليون پڇيائون.
جِئين تن تي کُهنبا پرينءَ جي ڪڙيا ها،
سڄي رات ويهي اسان کي رنگيائون.
بدن نازبوءَ جو اسان پاڪرين آ،
ويون روح ويڙهي پرينءَ جون هڳائون.
محبت عجب جاءِ آٽي چڏيو هو،
نہ هي هو نہ هُو هو نہ تون ۽ نہ آئون!
ڪڏهن گُل، ڪڏهن چنڊ، ڪڏهن لهر ۾ ها!
سوين روپ تن جا، سوين تن جٿائون.
اسان جن جي ڳولا ڪئي روز و شب ٿي،
جواني سڄي پي پري ئي ڏڪيائون.
”اسان ساهہ جي رڳ ڪنان ويجهڙا هون،“
جڏهن پي مئاسون، تڏهن ٿي چيائون!

تنهنجي ڪرائي سرخ ڪنگڻ،
دل کي لڳو آ ڏس ته ونگڻ!
قوسِ قزح اپرِي اکين ۾،
منهنجي اڳيان تنهنجو هي لنگهڻ!
ويون ڏڙڪنون کو ڏک گسائي،
نظرون لڳيون ته ٻه روح رنگڻ!
فطرت وئي ٿي دوستن جي،
ڪنهن نانگ وانگر يار ڏنگڻ!
سائل! گهڙي ڪن ماٺ ڪر تون،
آيو هتي ڇا آنهه منگڻ!؟
اپري، ڇني، الري، ڦري وٺ!
سونهي نٿو هيءَ هٿُ ٽنگڻ.



ڪڙي ٿي ايئن چمي ڳل تي، سمنڊ تي سج لهي ٿو جيئن،
جواني پوءِ جرڪي ٿي، ڪليءَ مان گل ٽهي ٿو جيئن.
نئين آهي، اڇي ٻانهين، حيا ڪان هوءَ ڇڏائي ٿي،
ڏئي ڦيرا ڪنڊي کي ڪئين مڇي جو من ٽهي ٿو جيئن.
نظارا هي عجب آهن، ادائون پڻ غضب آهن،
ڪجل جي ريک مرڪي ٿي ڳلن ڳوڙهو وهي ٿو جيئن.
پڇيم: دلڙي اوهانجي ۾ اسان جو ڇا مقام آهي!؟
ڇيائون: گهر پنهنجي ۾ سدا ماڻهو رهي ٿو جيئن.
چيم: ساڳي وفا آهي، اسانجو سڀ اوهين آهيو!
اوهان ڏي حسرتون ڪاهن، دريا ساگر ڪهي ٿو جيئن.

ڪو ستارو سار جو منهنجي پڌر جاڳيو پئي،
درد دل ۾ چنڊ وانگر رات پر جاڳيو پئي.
ڪيئن چئجي خواب هو؟ تون جنهن گهڙي آئين پرين!
ها ستل مان هوس پر منهنجو اندر جاڳيو پئي.
سنگباري تون ڪري واپس هليو وئين سانورا!
گهاءُ هر هڪ ۾ سدا تنهنجو پٿر جاڳيو پئي.
هو مسافر ها، هليا ويا منزلن ڏي، پوءِ ڇو؟
اڄ بہ ڪنهن اوسيئڙي ۾ ڪوئي گهر جاڳيو پئي.
راتڙي ويئي لڙي ۽ پيو سمهي سارو شهر،
ڪو ديوانو هو ڳلين ۾ جنهن لئہ در جاڳيو پئي.
هي هٿن جون سپ لڦون ڦلڙيون هيون آڪاش جون،
ٿي ٻنيءَ خوشبو وئي ٻُت تي پگهر جاڳيو پئي.
هيل سانوڻ ڪيترا آيو ڪٺي آ داستان،
ڦول، ٻوٽا، ڇوڪريون، خوش خوش ڏهر جاڳيو پئي.
دل اڏامي پي گهميون ساريون گهٽيون ڪنهن سونهن جون،
عشق منهنجو هن ڏنو جو هڪ نظر جاڳيو پئي.
ديوداسيون پيون سُمهي ٻوٽي اکيون اڌ رات جو،
ڪنهن پوڄاري جي اداسيءَ ۾ مندر جاڳيو پئي.



ڪڏهن هي دل سُڃي رهي، ڪڏهن اکيون اڃيون رهيون،
دکن جي هن درياهہ ۾ سپئي سکيون اڃيون رهيون.
اياڳ ڪو ڄميل رهيو سدائين دل جي راهہ تي،
خواهشون ملڻ سنديون جي من رکيون، اڃيون رهيون.
جڏهن بہ مست ٿي ڪڇيون ديدار جي تہ جام لئہ،
اسان پري ڪنان اهي اکيون لَڪيون اڃيون رهيون.
هي ماڪ ماڪ رات هئي، ڪليون تہ پي اڪيلڙيون،
بهار باغ هو ۽ مڏ-مکيون اڃيون رهيون!
پرين ويا وديش ڏي، ڇڏي پٺيان پيارڙيون،
بسنت رات، هيڪليون، ٻيلِي-ٻکيون اڃيون رهيون،
سياهہ سرد رات آ بدن ۾ بک جاڳائي وئي،
۽ ولهہ ۾ تہ ڪام جون ڪئين ڪکيون اڃيون رهيون.

ستارا ڏناسين اوهين ياد آيا!
نشي ۾ وري هي قدم لڙڪڙايا.
اِها بيقراري جيئڻ ڪا نہ ڏيندي،
پلا جي ڪڏهن ٿئي قرارن جي چايا!؟
وڇوڙو عجب جا اثر ٿو وجهي پيو،
سنجها جو رناسين، پرهہ گيت ڳايا.
محبت رڳو سڌ بدن جو ئي ناهي،
هتي روح پِي هن سوين روپ پايا.
دنيا جي سمنڊ ۾ مڇيءَ جيئن ڦٿڪون،
ڪري ويئي سوگهو اها سونهن مايا.
سڪي! ڪير ڏارا لڳي سينڌ تُنهنجي،
وري نيڻ آڪاس ۾ اڄ سمايا.
اڇي عشق آڏو ڪري چاڳ چنچل،
ڳرا شرط دل ڪان وري ڪي مچايا.
هي سانوڻ جي سانجهي، وِڄن جا وراڪا،
اهي پل اوهان چو اجايا وڃايا!؟
ڳتيون ڪين مُرڪن نہ تيڙو ئي ٿَهڪن،
اسان رات-پئي نيڻ پنهنجا ٿمايا.
ندي عشق جي ۾ سدا لئہ ٻُڏاسين،
اسان سانگ سر جا سيئي اڄ وڃايا.
تصوف جيان هي اکيون ٻِئي پرين جون،
ڪروڙين جنين روپ مون کي پسايا.
ڇُهون پير تُنهنجا او سائين فريدڻ!
رهن شال تُنهنجا اسان تي هي سايا.
بلها شاهہ آيو اسان جي اڱڻ تي،
اسان رات گهنگهرو وجد ۾ وڄايا.



کهڙيون ميارون ٿي ڏئينءَ هن رات جي رولاڪ تي!؟
وحشي جگر زخمي اٿم، رک تون پٽيون هر چاڪ تي!
ها پنڌ پيرن جا سدا اوچن پهاڙن ڏي مگر،
دلڙي چڪي آئي اسانکي حسن جي ڪنهن هاڪ تي.
مومل هئي ۽ بس رڳو مومل هئي، ٻيو ڪجهہ نہ هو،
ڏس پاڻ پهتاسين اڇي اڄ عشق جي هن ڪاڪ تي.
خوشبو ڏنائين رات کي ۽ رنگ سپ پرپات کي،
واريون وفائون گل سپئي نڪري مٽيءَ مان ماڪ تي.
اڳئين جنم ۾ گڏ هئاسون؟ ڪجهہ نہ مونکي ياد آ،
پلجي پئي آن ڪيئن تون؟ مون لاابالي پياڪ تي.
ڳوڙها پرين تنهنجي اکين، مونکي اصل ماري وڌن،
روئي نہ رک تون امتحان اڄ ايترا مشتاق تي.
پنهنجي ڏسيل ڪنهن واٽ تي ڪنهن کي هلائڻ ٿا گهرو!؟
پئجي سگهي ٿي ڪين ڪا پِي روڪ دل بيباڪ تي.
گهرائيون، اوچائيون، ساريون ڏٺيوسين اڄ گهمي،
ها پير ڌرتيءَ تي ڪتل ۽ هئي نظر افلاڪ تي.

وڙهي ٿي اسان سان وري دل چري،
ڪئي سونهن آ ڇا ته جادوگري!
وَئي ساهه ۾ هوءَ ٻَنديون ڪي ٻُٽي،
ڪڏهن ڪو نه ان ڪان سوا ڪا سري.
لهي چنڊ پونم جِئين نياڻ ۾،
ايئن هوءَ اسان جي اندر ۾ تري.
جڏهن عشق آڪاش وانگي اٿيو،
ستارا هوءَ مون ۾ ٻَري.
اسان جام تي جام لاٿو مگر،
وڌيو درد پئي رات جئن ٿي ٺري.
ڪڏهن تو اڪين مان پياريو پَئي،
ڪٿي آهه تنهنجي اها دلبري!؟
حسن جي سڳنڌ تي مڙياسين ڪڏهن،
مگر اج نه گل ڪو نه ڪا جل پري.
اڪيلا اڪيلا رهون ٿا اسان،
اداسي ولين جيئن دل تي وَري.
تمنائون سپ وقت پيڙي وَيو
ڪمند جان وَيو آ جسم هي ڳري.
جتي نينهن آهي، هلون ان نگر،
سڏن ٿيون هوائون، سڏي شاعري.
جتي ٺهڪ هر دم ٿڙن راهه تي،
۽ ڇهرا جتي ڪن کِلي رهبري.
نواز اج ڏٺي"مارئي" ڏينهن ٿيا،
اچي ياد ٿي سنڌ ورستي وري.



جِئين رات جوڳڻ پڪيڙيو پَڙو،
ٻُري چڻ پَيو چوڏسائن چڙو.
پريوسين انهي کي حُسن سان سدا،
سُڪل ٿو لڳي پو ٻه دل جو گهڙو.
نه دل جي مندر ۾ ڏيئا ٿا ٻرن،
هجي چڻ ته ويران ڪوئي پڙو.
وڏا چنڊ هن تي جِئين پَرتوا،
سڄي پرٿوي ٿي وئي اولڙو.
گهڙيا دل جي گهر ۾ اچي اج پرين،
ڪري ڇاڳ ڪولي اکين جو ڪڙو.
اسان چپ پرين جا چمون ٿا پيا،
ڪروا جي سڙو ٿا پلي پيا سڙو.

کنهن کنواري بدن ۾ کھاڙي لٺي،
کا اڱياڙي لٺي، کا پڇاڙي لٺي.
لوڪ پھرا سوين، پر نہ روڪي سگھيو
ها، لٺي پيار ۾ هوءَ ڏھاڙي لٺي.
چا تہ خوشبوءَ هئي هُن جي آواز ۾،
واءُ ۾ چڻ تہ گلڙن جي واڙي لٺي!
سمنڊ تي ڪيترا چٽ چٽيا پکين!
شيڪلو جو اڏي ويو تہ آڙي لٺي.
اڄ تہ سرهيل ٻيو ويو سُکي آ صفا،
ٻار وهنجن ڪٿي؟ هاڻ گھاڙي لٺي.
چو نہ مومل هئي اڄ انهي ماڳ تي،
چو اکين ۾ رڳو اڄ تہ ماڙي لٺي!؟
رات دلڙي صفا خاڪ ئي خاڪ هئي،
ياد جي ڪا اچانڪ اماڙي لٺي.
وقت ڪان ئي اڱي ڏس وَياسين ڇٽي،
درد جي ول ٻي ٻاڙي ٻي پاڙي لٺي.
ڄامشورو ڇڏي گھر ٻڳاسين جڏهن،
سچ لٺي جو اندر ۾ پهاڙي لٺي.
ها اُتر سان سوين واسطا، پوءِ ٻي،
هانءُ ۾ ڇوڪري ڪائي لاڙي لٺي.
ها حيا جي سبب ڳل ڳاڙها جنهين،
رات بستر ۾ بلڪل اگھاڙي لٺي.
ڪيپ مان ٿو ڏسي ڪيئن هن ڪي نواز،
ڪجھ تہ نيرو چڙهيس، ڪجھ تہ تاڙي لٺي.



زندگي جي مئڪدي ۾ مئڪشي ٿيندي رهي،
پير ٿڙندا ئي رهيا ۽ هوءَ مئہ ڏيندي رهي.
لوڪ پهرا عشق تي ڪيڏا ويهاريا پوءِ بہ هوءَ،
روز اوچي ڳاٽ سان مون سان ملڻ ايندي رهي.
چنڊ جان چهرو ڪڍي مرڪي پکيڙئين روشني،
زلف ڇهري تي وڌئين جو چاندني ويندي رهي.
روڪياسين يار پنهنجي جي ڳلي ڪان پيرڙا،
پو بہ هي دلڙي سدائين ان طرف نيندي رهي.
ڪيتريون ٿين هت ڪهاڙيون روز اپيون سونهن تي!
پو بہ هي ڌرتي هميشہ پيار جنميندي رهي.

چانـدنـي، جـهـنـگ ۾ شـاعـري،
روح جـــو رنـــگ ۾ شـــاعـــري.
ڪو ڳوي رات پٽڪيو پئي،
ســار جــا ونــگ ۾ شــاعــري.
مــنــد دل جــي پــوي اڄ ٽــڙي،
تــون هـجـيـن سـنـگ ۾ شـاعـري.
درد آهـــي اُڏيـــو اُپ تـــي،
جـئـن چُـريـو چـنـگ ۾ شـاعـري.
رات پــويــون پــهــر، يــاد تــون،
عشــق جــا ڏنــگ ۾ شــاعــري.
ويـر ڪـهـڙي چـڙهـي اوچـتـي؟
پــيــا روئـن مـلـنـگ ۾ شـاعـري.
دل اڪـــيـــلـــي، زمــانـــو ڦـــهـــر،
وقـــت آ تـــنـــگ ۾ شـــاعـــري.
مـون فـقـيـري ڪـنـئـي پاڻ ئـي،
تـو هـنـيـا ٻـنـگ ۾ شـاعـري.



جـيـئـن مـون وٽ هـوءَ رهـي وئـي آهـي،
شـــاعـــري دل ۾ لـــهـــي وئـــي آهـــي.
چـوڪـري جـيـڪـا گـلاب وانـگـي هـئـي،
عشـــق ۾ چـــا چـــا ســـهـــي وئـــي آهـــي!
دهشـتـون دريـاهـ جـون نـہ جـنـهـن روڪـن،
سـيـر ڪـان ڪـيـئـن سـا ٿـهـي وئـي آهـي!؟
ڪـالـهـ پـيـرا ٿـي پڳـا پـهـاڙن تـي،
چـــنـــڊ ڏي اڄ دل ڪـــهـــي وئـــي آهـــي.
ســار جــا پــنــچــي ٻــہ ڪــنــپ ڪـوهـي ويــا،
تـــون نـــہ آئـــيـــنءَ هـــيءَ وهِـــي وئـــي آهـــي!
يـادگـيـريـون هـاڻ ڳـولـجـن ڪـهـڙيـون!؟
دل عـــمـــارت ئـــي ڊهـــي وئـــي آهـــي.

رات جي سانت ۾ ڪي ستارا ٽڙيا،
چڙ ته مدهوش ٿي دل وارا ٽڙيا.
هورڙيان هورڙيان پئي ڇٽي روشني،
هي صدين کان ستل باک جارا ٽڙيا.
ڳل تنهنجا پرهه کي جنم ٿا ڏين،
ٿي اجهو رات، جي زلف ڪارا ٽڙيا!
مند آئي رساما ڪيا يارڙن،
عاشقن لئه ڳچيءَ ڳل ڳارا ٽڙيا.
ڪيئي ڪينجهر ڪنڌيءَ تي ٿلن نوريون،
اڄ ته ٻيڙيون ٿليون، اڄ ته ڪارا ٽڙيا.
گُل ڏرتي جي سيني تي جهومن پيا،
ها! جي رابيل ناهن ته ٿارا ٽڙيا.
چيٽ آيو ڪٽي مڌ مهڪار جي،
هاءِ ٻنيون ٽڙيون هاءِ ٻارا ٽڙيا.
پير ها چنڊ جان، جئن ڇهيا ڌرتتي،
چپ ٿاهي چمي جيئن چارا ٽڙيا.
شاعري سان اسان گڏ فقيري ڪنئي،
جاهه تنهنجا ٽُٽا ۾ مون پارا ٽڙيا.
ڪالهه جن تي زماني ٿي چٿرون ڪيون،
سي ڏڪاريل، وساريل، ڏڪارا ٽڙيا.
شهنشاهي غرورن سندو انت ٿيو،
نيٺ منصور، سرمد ۾ دارا ٽڙيا.



نگاهن سندو تير جلوا هيو،
سچو روح ۾ سرير جلوا هيو.
جڏهن هُن چپن تي پيالو رکيو،
نڙيءَ مان لڳو ڪير جلوا هيو.
هو ڪومل ڪراين ۾ سڳڙين جيان،
ٻڌائون ته زنجير جلوا هيو.
جڏهن هُن وڇوڙي جا ورلاپ ڪيا،
ڏٺوسون ته فقير جلوا هيو!
ٻه ٿي نينگريون جو سِراندي لٿيون،
جواني چيو: پِير جلوا هيو.
هو ٻيڙيون ڪنيو پي ويون ڇڄ ڪي،
تڏهن چنڊ وچ سير جلوا هيو.
چميس پير ڪينجهر پئي چاهه مان،
سوين رات جهمپير جلوا هيو.

جڏھن ھوءَ پاڪر ۾ آئي لھي،
تڏھن وئي ھي رنگجي اسان جي وھي.
بدن ڪان وٺي روح تائين ڏنا،
عجب ڪيپ ھن جي چپن جي مھي.
ڪڇھري ڪري بس ڪئيسين جڏھن،
لڳو ڳالھ آ ڪا اڃا اڻ ڪھي.
الئہ چو رساما ٿين عشق ۾؟
انھي جي نہ ڪنھن کي بہ ٿي آگھي.
ڪڏھن چاڳ ھُن ٿي اڃايا ڪيا،
ڪڏھن دل بہ ڪجھہ ڪاوڙيل ٿي رھي.
ستارا ستارا نگاھون ڪٽي،
ڏٺائين تہ ضد جون پٽيون پيون ڍھي.
عجب جا اشارا ھئي زندگي،
نہ سمجھي سگھياسين ويو سج لھي.
جواني گذاري جئين تو نواز،
اھو سڀ تون ڪوتا ۾ سگھندين ڪھي!؟


www.sindhsalamat.com

جڏھن تو ھٿن کي اشارا ڪنيا،
اسان پير اوڏنھن اڃارا ڪنيا.
ھي دل جي اڱڻ تي اونداھيون رھيون،
تڏھن پي توھان لئہ ستارا ڪنيا.
دريا عشق جو ھو پياسين ڪڏي،
نہ سيٽاھہ جا ڪي سھارا ڪنيا.
سيئي منزلون پي اوھانکي ڏنيون،
اسان يار اڻ ڪٿ ھي چارا ڪنيا.
جڏھن تو خوشين کي پريو پاڪرين،
تہ دل درد سارا ڏڪارا ڪنيا.
زماني کي ٿوڪر ٻِلاتي ھٽي،
اسان بس رڳو يار پيارا ڪنيا.
اسان کي اڪيلو ڇڏي سير ۾،
وڃي پاڻ لئہ ھن ڪنارا ڪنيا.
ھو مڪلي تي راتيون اڪين ۾ ڪٽيون،
اسان اڄ پٿر جا پنارا ڪنيا.
دعا چو نہ ھُن جي قبولَي خدا،
محبت منجھان ھٿ ڪنوارا ڪنيا.
پھاڙن پٽيان سج ميندي ھنئي،
پَريان موڙ لئہ رات تارا ڪنيا.
خدائي سڃي جت ھئي ناچ ۾،
اڪين لئہ عجب سي نظارا ڪنيا.
پٿائي! سدائين ڪجان پيو ڪرم،
ٻہ ٿي ٻول توڪان اڏارا ڪنيا.


www.sindhsalamat.com

لهي ويو چنڊ ۾ هاڻي ڏسو ٿا ڇا انڌاري ۾!
مٿان ڇئونرن ٽڪي پيا هن ڏکن پاڇا انڌاري ۾.
پري هن سنڌ کان ڪيڏو اڇا راتيون سهائي جون!
روئي ٿو ٿر، اتر، وچ ۾ روئن ڪاڇا انڌاري ۾.
ستارن جي اها ڇايا، سمندر جون اهي لهرون،
لڙن ٿا لاڙ جا ڳوڙها، تڪيو ٿا ڇا انڌاري ۾!؟
ڪراچي ۾ ٻرن ٻتيون تہ پيي دليون انڌيريون هن،
رڳو هڪ ريک مرڪن جي، اُها آڇا انڌاري ۾!
ڦٽيل آ پيار جو سينو وهي ٿي ڌار هي رت جي،
ڪهاڙي ٿي سسيون ڳولي، ملپا پاڇا انڌاري ۾.
ٻڌون ٿا وقت ۾ لڙهندي، وڃي ٿو وهڪرو وهندو،
سوين هت سال ۾ صديون، ٻڌو ڇا ڇا انڌاري ۾!
مٿان ٿيو شاعرو! ماٺا، سپاٽي ديس هيئن پڇندو:
لنگهي هو لنگهہ ڪي آڌا، وڌيا ها ڇا انڌاري ۾!؟



پوئين رات جو آيو آهين،
من بدن تي ڇايو آهين.
ڏرتي وانگر منهنجي دل آ،
تون ڇڻ اپ جو سايو آهين.
تارا جهل مل، چنڊ بہ مرڪي،
اک ڀڃي شرمايو آهين!
گلڙن وانگي آئون ٿڙيو هان،
ماڪ جيان مهڪايو آهين.
رُت بسنتي، هير گهلي ٿي،
خوشبو جيئن اڏايو آهين.
تنهنجي ايندي اندلٺ ڪڙندي،
رنگن جو سرمايو آهين.
بيحس بستي سنگ هٺي ٿي،
ڪجھ ڪجھ تون بہ وڃايو آهين.
ڪيڏاري جئن منهنجو من آ،
تون تہ امن جو لايو آهين.
تعمير نئين جيئن اپري تون،
هيئنڙي منجهہ سمايو آهين.
شاهہ جي واين وانگر جانان!
دل سان ويو تون ڳايو آهين.
سنڌوءَ جي پوتر پاڻي جيئن،
چشمن تي ويو ڇايو آهين.
ڀاڳ نواز وڏا هن تنهنجا،
دردن-ديس ۾ ڇايو آهين.

اجاري رهي دل نگاهن جي مڏ جي،
اکين سان اکيون هي پيون يار ٻڏجي.
اسان عشق خاطر زمانو ٿڏيو آ،
رهي آرزو ڪا سچي جي نہ اڏ جي.
خدايون سموريون لتاڙي وياسين،
نہ ڪي يار ننڊون، نہ ڪي سار سڏ جي.
جڏهن من ۾ ميهار ديرا اڏي ٿو
ڏسي سهڻي دريا، نہ پرواهہ ٿڏ جي.
اهي نيڻ امرت، بدن مڏ شالا،
ڏيون سر، ملي جي وٺي ڪا بہ وڏجي.



چون ٿا جڏهن لڙڪ اکڙين ڀري ٿي،
تڏهن عاشقن جي دلين کي ڏري ٿي.
چون ٿا کلي هوءَ کٽي نيڻ پنهنجا،
تہ چوڏهن طبق دل جا روشن ڪري ٿي.
چون ٿا گلابن جيان مرڪ هن جي،
چون ٿا ستارن جيان هوءَ ٻري ٿي.
چون ٿا زنجيرن جيان لفظ هن جا،
چون ٿا نہ ڪنهن جي بہ ان بن سري ٿي.
اسين ڀي ملڻ ٿا گهرون مهہ لقا سان،
چون ٿا ملڻ سان قيامت ڪري ٿي.
چون ٿا سدائين دلين ۾ رهي ٿي،
چون ٿا سدائين اکين ۾ تري ٿي.
چون ٿا زمانو مري ٿو اُنهيءَ تي،
چون ٿا اُها ڀي ڪنهين تي مري ٿي.
چون ٿا صبح سان ڏني منهن انهيءَ جي،
مصيبت، رڪاوٽ ۽ بوريت ٽري ٿي.
چون ٿا جواني جي چولي مٿان هوءَ،
پئي عشق جا ڪي نوان رنگ ڀري ٿي.
چون ٿا سراڻ آ سچو حسن هن جو
چون ٿا تہ پو ڏات ٻيهر وري ٿي.
ڏسون سنڌ جي پيا اسان سينڌ اجڙيل،
چون ٿا سهاڳڻ تہ ٻهہ ٻهہ ٻري ٿي.
چون ٿا تہ آ سونهن آزادگي ۾،
چون ٿا غلامي ۾ صورت ڪري ٿي.
وطن ۽ سڄڻ تي ڏين ساهہ جيڪي،
چون ٿا انهن جي سدا پت پري ٿي.

لٿي سج اجهل هي هوائون مليون،
ڪنارا پري ۽ گهٽائون مليون.
ٽٽا سڙهه، دلين جون هي ٻيڙيون لڏيون،
سمنڊ جي سفر ۾ سزائون مليون.
ويا سڀ سهارا، چڪاسين ڏڍي،
تڏهن هون اوهانجون صدائون مليون.
ڪناري چڏيائين ڪٽي سير مان،
سمنڊ جون انوکيون ادائون مليون.
سپن جوکمن مان ٻتي زندگي،
اوهانجون هيون جو دعائون مليون!
جڏهن ٻاهه وانگر وڇوڙو ٻريو،
ته يادن جو گهاٽيون هي ڇانئون مليون.
جڏهن پي اوهان جي تمنا ڪئي،
اوهان ڪان اڳي هي ڪوتائون مليون.



ازل ڪان اسان جي پناري پئي،
تڏهن دل محبت پڪاري پئي.
ڪتين ۾ نه ڪجلي اسان وٽ پڳي،
۽ ٽيڙو جا ٽاڙا ٻه پاري پئي.
اسان جي اَٿوَ دل سورج مُکي،
سدا سج پنهنجو نهاري پئي.
اسان قول واريا جي تنهنجي مٿان،
لٿي توڙي اپرئي هو پاري پئي.
جدائي جا پالا اکين ۾ ٿُنبي،
انڌي رات هيڪل هي ماري پئي.
سدا ناوَ جئن آ اها شاعري،
غمن جي ندي مان اڪاري پئي.

ملو ها سنجهي، چنڊ وانگر ڪڙون ها،
پرهه جو اڇو ها گلن جان ٽڙون ها.
اکين ڪي ڪڙا ها، دلين ڪي ڪڙا ها،
محبت جي گهر ۾ پلا ڪيئن گهڙون ها!؟
الڳ ٿي مرون چو ۽ واپس ورون چو؟
سُڻو آ تہ منزل جي رستي رڙهون، ها!
سدا عشق جي هن سمنڊ ۾ هجون ها،
ڳنڍيون ها، ٽٽن جي دلين جون سڙهون ها.
ڏني سر جڙي ها جي سودو پرينءَ سان،
اڇي مڏ مکين جيئن انهيءَ تي مڙون ها.



هوءَ وارِي پنهنجي يار مٿان،
اڄ پيار اڇي ويو پيار مٿان.
جيئن ڪئي عشق پڪار مٿان،
دل لوڪ ڏني ٿي دار مٿان.
هن لڄ رکي هر وعدي جي،
۽ ساهہ ڏنئين اقرار مٿان.
زنجير محبت تي نہ هجي،
پهرا نہ هجن اظهار مٿان.
نفرت ويئي نيٺ اڏامي،
اڄ حاوي چاهہ ترار مٿان.
لهر لهر ۾ ڏيئي ٽپيون،
چنڊ چمي سنڌو ڏار مٿان.
جي ديس سڄو آ اونداهي،
تون پنهنجا نيڻ ئي ٻار مٿان!
هونءَ نواز پلا چا لکندو!
ٿي روز ٿئي گونجار مٿان.

گلن جان سنڌءِ هيءَ سجل نيڻ ها،
کلڻ سان لڳو ٿي ڪنول نيڻ ها.
صبح رنگ انهن جو گلابي هيو،
سنجهي ۾ وٽيا ۾ ڪجل نيڻ ها.
چڙي راڳڻي رات سنسان ۾،
ٻُري پيا پرين جا غزل نيڻ ها.
اُفق ۾، شفق ۾ انهن ۾ ٻڏو،
ابد نيڻ ها ۽ ازل نيڻ ها.
صحيفي جيان ڪائي صورت لٿي،
اسان جا ٻئي ڄڻ رحل نيڻ ها.
جڏهن ٿي ڪڇيا، ٿي ڏنائون پرين،
محبت ۾ ڪيڏا اَٽل نيڻ ها!



تو ڪئي جئن چٿر اوچتو
ڄڻ لڳو ڪو پٿر اوچتو.
نيڻ رلندي پَيا اچ پڇِي،
ياد پيو جيئن گهر اوچتو.
مون تہ مايون ڏٺيون پئي پَريان،
تون اچي وئينءَ نظر اوچتو!
مان پياسو ملئينءَ تون ايئن،
رُڃ ۾ جيئن جر اوچتو.
پيار مان اچ ڪنيون تو اکيون،
زندگي ٿي سحر اوچتو.
تو ڇهيو ڄڻ جسم ۾ ٻڪي،
ڪا ئي بجلي- لهر اوچتو.
رات آئينءَ ستارن جيان!
ايتري ڇو مهر اوچتو!؟
اڄ بہ تازو لڳي ٿو اڃا،
پيار جو هُو پهر اوچتو.
چاندني چاندني ياد آ،
ڄڻ ٻريا ڪي ڏهر اوچتو.
وهنجندي وقت ويئي ڇُمي،
واءُ تنهنجا سٿر اوچتو.
تون نہ بادل جيان جو وُٺين،
ٿي ويو روح ٿر اوچتو.
ڪا جدائي ڪلر جيئن لڳي،
پيو ڍهي دل-شهر اوچتو.
وئين جُوانيءَ مري ڇو نواز!
ڪنهن ڏنو هي زهر اوچتو!؟

هيءَ ڳهيلي دنيا ڄاڻي ڇا،
هو سيج ڇڏي ڇو پنڌ پيا؟
ڇا ڪاڻ سڏيائون سوريءَ ڪي،
ڪنهن لاءِ جوانيءَ منجهه مئا؟
آ تنهنجي هيءَ جا آزادي،
اُن ڪاڻ ملي جي ڪالهه ڪُٺا.
پيار وچان سنڌو سِير ٻُڏا،
جي سڏ هيا ڪلهه تارن جا.
اڄ ڪنهن ڏي تاڻي تانگهه پئي،
ڇا لاءِ پري هي دل سڏڪا!؟
جي رات پرهه جي پنڌ پيا،
پوئين پهر هئا ڇو نستا؟
هيءَ عشق ڳلِي آباد رهي،
۽ سونهن سدائين ڏي جهلڪا.
چنڊ منڊي جن رات ڇڏيو هو،
ڇا ويس ورن هي تنهنجا ها!؟



بيچين دل، بيقرار دل!
ڪنهن جو اٿئي انتظار دل!
ٿڙندي وتين ڇو ڳلي ڳلي؟
ناهي ڇڱو هي خمار دل!
ڪنهن بيوفا لئه روئون به ڇو
ڇو پاڻ ٿيون هت خوار دل!
ڪنهن ڪان نه ڪر تون شڪايتون،
ڪڻ پاڻ تي هر ميار دل!
عاشق سدائين اداس هن،
ڪنهن ڪي مليو هت قرار دل!
موسم سرءُ جي لهي جتان،
آهي اتي ئي بهار دل!
ڇيڙو نه گر آهه درد جو
ته خوشي به آ بي شمار دل!
ويساهه ڪرتون اکين وري،
دوکا سمورا وسار دل!
ڪيڏي وڏي ڪائنات آ،
ڏس هو پکين جي قطار دل!
خوشبو هوا ۾ وکير اڄ،
ڪجهه ٿهڪ پي تون اڏار دل!
ڪنهن جي اکين ۾ وري ٻڏئين!؟
کهڙي چڙهي هي جوار دل!
هل ٿا هلون اڄ پرين جي گهر،
تون اٿ پلا ٿي تيار دل!

هوءَ مون کان جڏهن مُک موڙي اٿي،
هانءُ ۾ چَڪ پيو دل ٽوڙي اٿي.
ڇا تہ خوشبو اٿي معطر ٿي فضا!
مسڪرائي جڏهن وار ڇوڙي اٿي.
عشق ۾ دل ڪڏهن ڪو نہ ليکو ڪيو
ڇا هو پائي اٿي، ڇا هو لوڙي اٿي!؟
سوچ هئي مانڊڻي، ذهن ماٺي هيو
سار پنهنجي پرين جي ولوڙي اٿي.
جت پکيءَ پير ها ۽ نہ ڪا باهڙي،
ات عَلم پيار جا دل کوڙي اٿي.
جئن جواني وئي، بيوفا عمر هيءَ،
تئن بدن تان رتا گل روڙي اٿي.



بت ۾ جوين رس پريو آ ائن جئن وڻ ۾ انب پچي،
ونءُ بہ وجي ۽ هينئون بہ هرڪي، مُنڊ لڳن ۾ واءُ نچي.
شرم پنن جئن ڪو نہ ڍڪي ٿو دل جا انگ اگهاڙا هن،
عشق ازل جي سڌ جيان آ، تنهن کان ڪوئي ڪيئن بچي!
صحرا ۾ جڻ سيند هيا، هو نيڻ ازل جي نيند هيا،
دل تي مستي لائي ويا، ٿي سياري ۾ جئن مڌ رچي.
رات پرهہ جي ڪاند اُٿي ۽ آئون دلڙي ٻاريان ٿو،
ڪجهہ پتنگا تنهن تي جرڪن ٿا، هاڻي وڏ ٿو مچ مچي.
روز اول کان ڏرتي جاڳي، تارا تنهن کي اک پچن،
سج، چنڊ، نديون، ڪومل ڪامڻ، وک وک تي ٿي سونهن نچي.
زلف ورائي مُنهن تان جئن هڪ وار سرشٽي مرڪي ٿي،
ٽهڪ خوشين جا گونجن ۽ ڇوڏار فضا ۾ رنگ رچي.
بي انت سحر جي ڪل نہ ڪا، ڄاڻو ڪنهن بہ نہ ڄاتو آ،
ڏينهن وجي ڪيڏانهن ٿو ٿي ڪهڙي ڏس کان رات اچي!؟
فطرت جا سڀ ڳجهہ ڦلهوريان، اندر ڳوليان، ٻاهر ڳوليان،
آءُ! خدا تون مونکي هٿ ڏي، تو بن ذات نہ ٿي سرچي!

ڏينهن ستو ۾ بتيون جاڳيون،
ٽيڙو جاڳيا، ڳتيون جاڳيون.
آسون اندلث جيئن ٽڙيون يا،
دلڙي تي هيءَ چتيون جاڳيون.
هِن جي لئہ هو گهر ڇڏيو مون!؟
هاٺي ڇوريءَ متيون جاڳيون.
ڏيميون ڏيميون ٿَن جون باهيون،
لوڪ سُتي اڄ ستيون جاڳيون.
سرخ سويرو عشق جو پڪڙيو
اکڙيون هيءَ رت رتيون جاڳيون.



www.sindhsalamat.com



عشق مونکي ڏنو جڻ تہ مان چيڙجي ويس،
ڪنهن اڄاتي ڪشش ۾ وڏي ريڙهجي ويس.
پيار مونکي ڏنا حوصلا راهہ راهہ تي،
هيڪلي زندگي گهاءُ هئي، جهيڙجي ويس.
هو مليو، دل ئي دل ۾ گل جيان ٽڙيس،
هن ڇُهيو، پاڻ ئي پاڻ ۾ ويڙهجي ويس.
آنءُ وڪريل هيس اَنُ داڻن جيان اڳي،
هن ڇپن سان ڇميو، انگ ميڙجي ويس.
هاڻ لذت نہ ڪا آرزو پاڻ ڏي سڏي،
هو ويو، مان سڄي جڳ منجهان ٽيڙجي ويس.



www.sindhsalamat.com

اوهان پيار ڪرڻا ڏنا جو ڪڻون،
نہ هاڻي ٽٽون ٿا نہ ڪي ٿا ڇٽون.
نگاهہ ناز جي، مرڪ انداز جي،
اسان لئہ اهوئي گهڻون آ گهڻون.
تڏي سج ڏي جيئن سورج مکي،
اسين روز سپرين! اوهان ڏي تڪون.
جئين تو ڇهيو اڄ اسانکي پرين!
پيا هاڻ خود کي بہ ڏاڍو وڻون.
اها عشق طاقت اسان کي ڏني،
ڪٺي ٿا سگهون، جي سرشتيءَ ڪٺون.
نئين سر خدا کان پلو ٿاهيون،
جهان کي ورائي جي پٽ تي هڻون.



وڻن لئہ ٿڌيري فضا جو نياپو،
هوا آهي آندو گهٽا جو نياپو.
پکيءَ جئن گگن تي اُڏيا رات هاسين،
جڏهن هو مليو اپسرا جو نياپو.
سوين چنڊ لکندا مِٽيءَ جي بدن تي،
اڏوري وڃايل ڪٿا جو نياپو.
فصل آهہ اوڍي ڏسو سائي چادر،
ڏنو جيئن پاڻي دريا جو نياپو.
پرين جي پڇڻ لئہ اچن، ٺيڪ ٿيندا،
مليو عاشقن کي شفا جو نياپو.
سدا نور ڏرتيءَ تي وهندو پيو هيءَ،
ڏنو رات تارن خدا جو نياپو.
گلي عشق لايو، محبت ورهايو،
اهو آ اسان جي ڪلا جو نياپو.

جڏهن جاڳي پوي ٿو يار سرجڻهار اندر ۾،
ڪنول ڪيئي ٽڙن ٿا پو ڪِلي پنهنجي ڪلاـ سر ۾.
لباس آ اڄ سين ساڳيو لڳن ٿيون لال سڀ لهرون،
گلابي ڪو بدن مرڪي لٿو آهي عريان جر ۾.
ڪڪر آيا نہ ڪنوٽيون هن، نہ ڪوئي مينهن پيو آهي،
تہ پي ترسي پيا آهن پرين اڄ رات هن گهر ۾.
ڪڏهن دوري، ڪڏهن ميلو ڪڏهن ڪاوڙ ۾ پنهنجائپ،
عجب جون عادتون آئون ڏسان ٿو پنهنجي دلبر ۾.
لٿو آ روح ۾ ڪوئي، ٿياسين بُت ڪان آجا،
وڃي ان سان مليا آهيون سمائي ڪيس پاڪر ۾.
مٿان آڪاش تان تارا وجهن ٿا پرتوا پنهنجا،
ڏياريءَ ڏڻ جيان ڏيئا ٻرن پيا چڙ تہ ساگر ۾.
لڳي ٿو اڄ وڏي ڏرتيءَ وڏو پاڪر آ لهرن کي،
سمنڊ خاموش آ ليڪن اٿي پيو شور بندر ۾.
اُهي ٻيڙيون، اُهي ٻتيون، اها ئي سرمئي سانجهي،
مهاڻيون وار ٿيون ڪولين وڪيري مهڪ منڇر ۾.
روئي ٿو گهنڊ سنجها جو پُڄارڻ ڪا پڳي ناهي،
قراري جاپ ڪنهن ڪونهي، اداسي آهہ مندر ۾.
ڪڏهن وسعت نگاهن ۾، ڪڏهن پاتال ۾ بلندي،
سدائين مون ڏٺي آهي سرشتي هيءَ سراسر ۾.
مسيتون دل تہ اُڪري وئي، اکيون معراج ڪان اڳتي،
رهيو ويڇو نہ آهي ڪو نظر، ناظر ۾ منظر ۾.
اڳي آدم ڪنان آهيون، اسان ئي ڪُن چيو هو اُت،
اسان ئي ڪُل حقيقت ۾ اسان ئي ڪل تصور ۾.



هيءَ دل تہ منهنجي هئي مگر اختيار سڀ تنهنجا هيا!
دنيا وساري مون ڇڏي هي پيارَ سڀ تنهنجا هيا!
دل جو سڙي ويو ڪيت هو، جيون تتلُ چڙ ريت هو
ان وقت آيا جي ڪڪر ٿِي وار سڀ تنهنجا هيا!
مون ٿي ڪنيون جيڏانهن اکيون، تون ئي اڳيان آئينءَ پرين!
ڪوليم جڏهن دل جي دري، ديدار سڀ تنهنجا هيا!
تون ڪنهن گهڙيءَ مرڪي پئينءَ ۾ ڪنهن گهڙي روئي ڏنئي،
توکي سڃاتو مون پرين، هي پار سڀ تنهنجا هيا!
تون ٿي لنگهيين مهڪيون گهٽيون، ٿي سونهن سان ٻهڪيون گهٽيون،
ماڻهن پئي چٽڪيون گهٽيون، لاچار سڀ تنهنجا هيا!
تو نيٺ ناتا غير سان جوڙي ڇڏيا، مان وِيُس مري،
منهنجي جسم ۾ روح تي هي وار سڀ تنهنجا هيا!
هي ميرڙا، هي ڪوجهڙا، تنهنجي اڳيان هٿُ جن ٽنگيو
ڇا لئہ ڌڪاري تو ڇڏيا، سي ٻار سڀ تنهنجا هيا!
ڪنهن پاڙُ ٻاري رات ڪئي مقتل مٿان هئي روشني؟
سِر ها اسان جا ۾ ستونِ دارَ سڀ تنهنجا هيا!

اسانکي عشق اجرڪ جئن سدائين پيو ڇُري ٿو ڇڻ،
پُڙن جان زندگي جوڙي، وڇان پر تون پري ٿو ڇڻ.
خدا جي نانو جئن آهي، اسان تي ڇانو جئن آهي،
افق جي هانو جئن آهي، جهان روشن ڪري ٿو ڇڻ.
اندر ۾ سڪ ساگر جان، نه ڇيڙو آهه ڪوِن جو،
ازل جو قول آ ڪوئي ابد سان جو پري ٿو ڇڻ.
جهڪايو ڏينهن سر پنهنجو ڇمي پئي رات ڇَپ اُن جا،
ستارا سانجهه جا ٻچڙا اکين ۾ اُپ پَري ٿو ڇڻ.
نه ڪوئي سونهن جو سج آ، نه ڪا ديدار جي گرمي،
وسي پئي ولهه جدائي جي، هينئون سڪڙي ٺري ٿو ڇڻ.
پتڻ سپ ننڊ جا ريٽي لٿي آ رات جوڀن جي،
اڪيلائي دريا جئن آ، غمن ۾ من تري ٿو ڇڻ.
پڪيڙي رات پئي ٻانهون، ٻتيلو ڪو اڪيلو آ،
ندي جا نيڻ جاڳن ٿا، ڏيئو لهرن ٻري ٿو ڇڻ،
رُلي خانا بدوشن جان، اُڏي ٿِي رڪ وانگر دل،
سڄو آڪاش خيمي جئن مٿان ان جي وري ٿو ڇڻ.



